جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC CARTL

Daily AWAMI SOACH Karachi

روزاني عوامي سوچ ڪراچي

چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ

ايڊيٽر: سيد گل شاه

جلد 16 | خميس 17 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 04 ربيع الثاني 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 336

مڪي تي ڊرون حملي جي مذمت، پاڪستان سعودي سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهي: وزيراعظم

پاڪستان جي عوام هن اشتعال انگيز حرڪت تي رنجيده ۽ فڪرمند آهي، هن قابل مذمت ۽ ناقابل معافي عمل سبب پاڪستاني قوم جنهن گهري ڏک ۽ صدمي مان گذري رهي آهي: وزيراعظم شهباز شريف

ان کي بيان ڪرڻ لاءِ لفظ ناڪافي آهن سعودي هٿياربند فوج بهادري سان فوري طور تي ڪارروائي ڪئي، سمورين ڌرين صبر جو مظاهرو ۽ ڇڪتاڻ وڌائڻ کان پاسو ڪن

خطو اڳ ئي تڪرارن سبب تمام گهڻو متاثر ٿي چڪو آهي اسان کي وڌيڪ ڇڪتاڻ کان بچڻو پوندو. هن سعودي عرب جي هٿياربند فوج جي بهادري ۽ پيشوراڻي مهارت کي خراج تحسين پيش ڪيو

پاڪستان پنهنجي پائر ملڪ سعودي عرب جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جي دفاع سان گڏوگڏ حرمين شريفين جي تحفظ ۽ تقدس جي معاملي تي غير متزلزل طور تي ڪلهو ڪلهي سان ملائي بيٺل آهي

هن اسلام جي مقدس ترين شهر مڪي شريف پرسان هڪ حوثي ڊرون ڪيرائي ڇڏيو، جنهن کان پوءِ ايران جي حمايت يافته يمن جي باغي گروپ خلاف علائقائي سطح تي تيز ردعمل ۽ مذمت سامهون آئي: سعودي عرب

تقريبن هڪ ڏهاڪي دوران اهو پهريون ڀيرو آهي، جڏهن حوثين مڪي شريف کي هدف بڻايو آهي حوثين ان دعويٰ کي سختيءَ سان رد ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف مڪ مڪرم جي مقدس هنڌ تي ڊرون حملي جي بزدلاڻي ڪوشش جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي. سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ وزيراعظم شهباز شريف چيو ته پاڪستان جي عوام هن اشتعال انگيز حرڪت تي رنجيده ۽ فڪرمند آهي، جڏهن ته هن قابل مذمت ۽ ناقابل معافي عمل سبب پاڪستاني قوم جنهن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20



اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان فرانس جي پاڪستان ۾ عهدو ڇڏيندڙ سفير نڪولس گالي جي الوداعي ملاقات ڪندي

سعودي عرب ڊرون حملن کان پوءِ يورپ جي لاءِ تيل سپلائي بند ڪري ڇڏي

رياض (م د) سعودي عرب اهم آئل پائپ لائن تي ڊرون حملن کان پوءِ يورپ جي لاءِ تيل جي ڪجھ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ اضافي جو سلسلو جاري، حڪومت اڄ ٻيهر پيٽرول ۽ ڊيزل مهانگو ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (بيورو) حڪومت طرفان پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ جو سلسلو جاري آهي. مهانگائي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ٽياڪڙي لاءِ پاڪستان سرگرم ۽ سمورن ڌرين سان رابطي ۾ آهي: پاڪ فوج ترجمان

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ٽياڪڙي لاءِ پاڪستان سمورن ڌرين سان رابطي ۾ آهي، جيئن هن ڏکي صورتحال جو حل ڳالهين ذريعي ڳولي سگهجي

هن معاملي ۾ پاڪستان جو ڪردار هڪ غيرجانبدار ۽ ديانتدار سهولتڪار جو آهي پاڪستان خطي ۽ ان کان ٻاهر امن جو حامي آهي

انڪري ئي تهران ۽ واشنگٽن وچ ۾ ٽياڪڙي جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي ٽياڪڙي جي ڪوششن ۾ ڪهڙي اڳڀرائي ٿي آهي؟

ڪيترن ئي ڏهاڪن کان هلندڙ ۽ پيچيده تڪرارن ۾ ٽياڪڙ جو ڪردار غيرجانبدار ۽ معروضي رهڻ هوندو آهي، تنهن ڪري پاڪستان ٽياڪڙ طور جاري رابطن يا امڪاني اڳڀرائي بابت تبصرو نه ڪندو

پاڪستان اهڙو چا ڪري سگهي ٿو، جيڪو ٻيا ٽياڪڙ نه ڪري سگهيا، پاڪستان ۽ ٻين ٽياڪڙن جو مقصد هڪ ئي آهي، يعني پائيدار ۽ پرامن حل

پاڪستان جا آمريڪا ۽ ايران ٻنهي سان ڊگهي عرصي کان لاڳاپا آهن، هن تڪرار ۾ پاڪستان جي قيادت جو ڪو ذاتي مفاد به ناهي: ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري

اسلام آباد (بيورو) پاڪ فوج جي ترجمان ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو آهي ته آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ٽياڪڙي لاءِ پاڪستان سمورن ڌرين سان رابطي ۾ آهي، جيئن هن ڏکي صورتحال جو حل ڳالهين ذريعي ڳولي سگهجي. "العربيه انگلش" کي انٽرويو ڏيندي پاڪ فوج جي ترجمان چيو ته هن معاملي ۾ پاڪستان جو ڪردار هڪ غيرجانبدار ۽ ديانتدار سهولتڪار جو آهي. هن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

اسلام آباد: پاڪ فوج جي ترجمان ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري پريس ڪانفرنس ڪندي

اسرائيل سان هر معاملي ۾ اتفاق ضروري ناهي، آمريڪا پنهنجا فيصلا پاڻ ڪندو: جي ڊي وينس

واشنگٽن انهن معاملن ۾ اسرائيل سان سهڪار ڪندو، جتي ٻنهي ملڪن جا مفاد گڏيل هجن

واشنگٽن (م د) آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس چيو آهي ته آمريڪا جي پرڏيهي پاليسي پنهنجي مفادن موجب طئي ٿيڻ گهرجي ۽ ان کي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

نرس لاءِ تمغہ شجاعت سميت اهم سمرين جي منظوري

سامونڊي جهازن ۾ موجود نقصانڪار مواد کي ماحول دوست طريقي سان منظم ڪرڻ بابت بل 2026ع جي منظوري شامل آهي

صدرِ مملڪت پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (پمز) جي اسٽاف نرس رضيه نورين کي تمغاءِ شجاعت ڏيڻ جي منظوري پڻ ڏني

رضيه نورين پمز ۾ باهه لڳڻ واري واقعي دوران پنهنجي جان خطري ۾ وجهي اڪيلي جيئري ٻچيل ٻار کي محفوظ نموني ٻاهر ڪڍيو هو

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري اهم سمريون منظور ڪري ڇڏيون جاري ڪيل پڌرنامي موجب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري جو ٻڪ جي خاتمي لاءِ ڊبليو ايف پي جي ڪوششن جي حمايت جو ورجاءُ

ماءُ ۽ ٻار جي صحت، ماءُ جو کير پيارڻ، حفاظتي ٽڪا، ٻار جي واڌ ويجهه ۽ ٻارن ۾ غذائيت جي کوٽ ختم ڪرڻ لاءِ مربوط حڪمتِ عملي اختيار ڪرڻ تي زور

خاتونِ اول جي ڊبليو ايف پي پاڪستان جي نمائنده ۽ ڪنٽري ڊائريڪٽر انيتا هرش جي اڳواڻي ۾ آيل وفد سان ملاقات

ڪراچي (بيورو) خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري پاڪستان ۾ ٻڪ جي خاتمي لاءِ گڏيل قومن جي عالمي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

ڪراچي: خاتونِ اول آصفه ڀٽو جي ڊبليو ايف پي پاڪستان جي نمائنده ۽ ڪنٽري ڊائريڪٽر انيتا هرش جي اڳواڻي ۾ آيل وفد سان ملاقات ڪندي

پمز بابت اپائن تي 3 مهينن اندر عمل ڪيو وڃي: وزيراعظم

پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (پمز) ۾ لڳل باهه بابت جاچ رپورٽ ۾ تجويز ڪيل مختصر مدي وارا قدم ٽن مهينن اندر لاڳو ڪيا وڃن

جنهن دوران جاچ رپورٽ ۽ قومي صحت واري وزارت طرفان ڪيل ڪارڪردگي آڊٽ جو جائزو ورتو ويو

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف اختيارين/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

اسرائيل کي 2 هزار پائونڊ وزني هزارين بم ڏيڻ جو منصوبو

نئين دفاعي پيڪيج تحت 2 هزار پائونڊ وزني هزارين بم ڏيڻ جو منصوبو ناهي ورتو آهي

تجويز ڪيل پيڪيج ۾ 40 هزار بم شامل آهن، جن ۾ 20 هزار ايم ڪي-84 ۽ 20 هزار بي ايل يو-117 بم شامل آهن

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي انتظاميا اسرائيل کي اٽڪل 2.8 ارب ڊالر جي نئين دفاعي پيڪيج تحت 2 هزار پائونڊ وزني هزار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

چين جو ايران سان گڏ بيهڻ جو اعلان، آمريڪا کي صبر جو مشورو

بيجنگ (م د) چيني پرڏيهي وزير وانگ يي چيو آهي ته سندس ملڪ ايران جي حقن جي تحفظ لاءِ تي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

وفاقي وزير طرفان مڪ مڪرمه کي نشانو بڻائڻ جي ڪوشش جي سخت مذمت

مقدس سرزمين جي بي حرمتي جي ڪوشش ڪنهن به صورت قبول ناهي: ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري

حرمين شريفين ڪنهن به جنگ جو ميدان ناهن، مقدس هنڌن کي سياسي يا فوجي مقصدن لاءِ نشانو بڻائڻ جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي وزير پارلياماني معاملن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

اسلام آباد: وفاقي گهرو وزير محسن نقوي اجلاس جي صدارت ڪندي

شرجيل ميمڻ طرفان هڪ ڀيرو ٻيهر ييلو لائن ڊيپو جي تعمير کي جلد مڪمل ڪرڻ جو حڪم

سنڌ جي سينئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٽرانسپورٽ کاتي جو هڪ اهم اجلاس ٿيو

جنهن ۾ ييلو لائن بي آر ٽي منصوبي جي مختلف حصن تي جاري تعميراتي ڪم جي رفتار ۽ پيش رفت جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن، ايم ڊي سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي (ايس ايم ٽي اي) بهزاد ميمڻ، ورلڊ بينڪ جي نمائندن، صلاحڪارن ۽ لاڳاپيل اختيارين شرڪت

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ هڪ ڀيرو ٻيهر ييلو لائن ڊيپو جي تعمير کي تيز ڪرڻ ۽ جام صادق پل جي ٻئي حصي کي جلد مڪمل ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. سنڌ جي سينئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٽرانسپورٽ کاتي جو هڪ اهم اجلاس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

عمران خان جي اسپتال منتقلي وارو ڪيس: سپريم ڪورٽ اٽارني جنرل کان معاونت طلب ڪري ورتي

سپريم ڪورٽ آف پاڪستان اٽارني جنرل کان معاونت طلب ڪئي آهي ته عمران خان جي اسپتال منتقلي بابت ڪيس وفاقي آئيني عدالت ڪيئن ٻڌي سگهي ٿي

باني پي ٽي آءِ عمران خان جي اسپتال منتقلي بابت ڪيس جي ٻڌڻي سپريم ڪورٽ جي جسٽس شاهد وحيد جي سربراهيءَ ۾ ٽه رڪني بينچ ڪئي

وفاقي آئيني عدالت ڪالهه حڪم نامو جاري ڪيو آهي ۽ ان عدالت هن ڪيس جو رڪارڊ طلب ڪيو آهي

اسلام آباد (بيورو) عمران خان جي اسپتال منتقلي وارو ڪيس: سپريم ڪورٽ اٽارني جنرل کان معاونت طلب ڪري ورتي سپريم ڪورٽ آف پاڪستان اٽارني جنرل کان معاونت طلب ڪئي آهي ته عمران خان جي اسپتال منتقلي بابت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

ڪراچي: مختلف وفدن جي صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو سان ملاقات ڪندي

مختلف وفدن جي صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو سان ملاقات

عوامي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ غير ضروري دير کان پاسو ڪن: جام اڪرام الله ڌاريجو

لاڳاپيل مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪندي بروقت پيش رفت کي يقيني بڻائين

ڪراچي(رپورٽر) مختلف وفدن صوبائي وزير صنعت ۽ واپار جام اڪرام الله ڌاريجو سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي ۽ انهن کي درپيش/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو پاران ڪاٽي ۾ ڪرائم مانيٽرنگ اينڊ ٽاسڪ فورس سيل جو افتتاح

اڳوڻا صدر شيخ عمر ريحان، مسعود نقي، سيد فرخ اظهر، جنيد نقي، احتشام الدين سميت ڪاٽي جا ٻيا عهديدار پڻ موجود هئا

سنڌس آمد واپاري برادري ۽ پوليس وچ ۾ مضبوط رابطي جي عڪاس آهي

ڪرائم مانيٽرنگ اينڊ ٽاسڪ فورس سيل جو قيام پوليس ۽ صنعتي ۽ واپاري برادري جي باهمي تعاون سان ڏوهن جي خاتمي ڏانهن هڪ اهم قدم آهي

ڪراچي(رپورٽر) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ڪورنگي ايسوسيئيشن آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽري (ڪاٽي) ۾ قائم ڪيل "ڪرائم مانيٽرنگ اينڊ ٽاسڪ فورس سيل" جو افتتاح ڪري ڇڏيو. ان موقعي تي ڪاٽي جو صدر اڪرم راجپوت، ڊپٽي پيٽرن ان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

ميئر ڪراچي پاران اي ڪچهري منعقد ڪرڻ جو اعلان

ميئر جلد اي ڪچهري ذريعي شهرين سان سڌو رابطو ڪندو ۽ سندن بلدياتي ۽ ٻين لاڳاپيل مسئلن بابت شڪايتون ٻڌندو

اي ڪچهري جو مقصد شهرين کي پنهنجا مسئلا ۽ شڪايتون سڌو ميئر تائين پهچائڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ آهي

ترقياتي ڪمن، زمين جي رڪارڊ ۽ مالي معاملن تائين شهرين کي آن لائن رسائي ڏيڻ لاءِ ڊجيٽل خدمتون پڻ متعارف ڪرايون هيون

ڪراچي(رپورٽر) ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب شهرين جا مسئلا سڌو سنئون ٻڌڻ ۽ انهن سان رابطي لاءِ اي ڪچهري منعقد ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (ڪي ايم سي) موجب ميئر جلد اي ڪچهري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

مڪي شريف جي حرمت تي حملو قبول ناهي، پاڪستان حرم پاڪ جي تحفظ لاءِ ڪردار ادا ڪري: فضل الرحمان

"مڪو شريف رڳو هڪ شهر ناهي، پر سڄي دنيا جي ڪروڙين مسلمانن جي عقيدت ۽ مذهبي وابستگي جو مرڪز آهي

سعودي عرب جي فضائي دفاعي فوج يمني حوثين طرفان فائر ڪيل ڊرون کي مڪي جي هوائي حدن ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ روڪي تباهه ڪري ڇڏيو

جيڪڏهن اهڙو ڪو حملو ٿئي ٿو ته حملي آورن کي عالم اسلام جي سخت ردعمل کي منهن ڏيڻو پوندو

اسلام آباد (بيورو) جمعيت علماءِ اسلام (جي يو آءِ) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان خبردار ڪيو آهي ته مڪي شريف تي ڪنهن به حملي کي عالم اسلام تي حملو تصور ڪيو ويندو. جي يو آءِ جي سربراهه مولانا فضل الرحمان "ايڪس" تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته "مڪو شريف رڳو هڪ شهر ناهي، پر سڄي دنيا جي ڪروڙين مسلمانن جي عقيدت ۽ مذهبي وابستگي جو مرڪز/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

گڊز ٽرانسپورٽ اتحاد ڀاڙا وڌائڻ جو اشارو ڏئي ڇڏيو، ٻيهر سموري ملڪ ۾ هڙتال جي به ڌمڪي

وڌيڪ ڊيزل ۽ پيٽرول جي قيمت ۾ اضافو ڪيو ويو ته پاڪستان ۾ گڊز ٽرانسپورٽ جا ڀاڙا وڌائينداسين: ملڪ شهزاد اعوان

وفاقي حڪومت جي غلط پاليسين سبب اسان جا ٽرانسپورٽرز بيروزگار ٿي رهيا آهن

ڪراچي (رپورٽر) آل پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ اتحاد پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ وڌيڪ اضافو ڪرڻ تي ڀاڙا وڌائڻ جو اشارو ڏيندي ٻيهر سموري ملڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

پيٽروليم ليوي ختم ٿيڻ تائين ڌرڻا جاري رهندا: حافظ نعيم

اسلام آباد ۾ ڪنٽينر لڳائي جماعت اسلامي جو مارچ روڪي نٿو سگهجي، جماعت اسلامي وٽ احتجاج لاءِ پلان 'اي'، 'بي' ۽ 'سي' موجود آهن

بهتر آهي ته حالتون خراب نه ڪيون وڃن ۽ اسلام آباد ۾ عوام جي معمول جون سرگرميون پرامن طريقي سان هلڻ ڏنيون وڃن

حڪومت جو موقف آهي ته جيڪڏهن پيٽروليم ليوي گهٽ ڪئي وڃي ته سرڪاري آمدني ۾ گهٽتائي ڪيئن پوري ٿيندي

جماعت اسلامي پيٽروليم شين جي اگهن ۾ گهٽتائي لاءِ مڪمل فارمولو حڪومت کي پيش ڪري چڪي آهي

ڪراچي (رپورٽر) پيٽروليم شين جي اگهن ۽ پيٽروليم ليوي خلاف جماعت اسلامي جو احتجاج جاري آهي، جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته پيٽروليم ليوي ختم ٿيڻ تائين ڌرڻا ختم نه ڪيا ويندا. جڏهن ته /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

لاهور: امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمان پريس ڪانفرنس ڪندي

قاضي احمد پرسان ٻن ٽريلرن ۾ ٽڪر، ڊرائيور فوت

قاضي احمد(رپورٽر) پوليس موجب قومي شاهراهه تي ٻن ٽريلرن ۾ ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

ييلو لائين ڪيس: ضمير عباسي جي ضمانت منظور

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ بي آر ٽي ييلو لائين منصوبي ۾ مبينا ڪرپشن ڪيس ۾ هڪ جوابدار جي ضمانت منظور ڪري ورتي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

ڄامشورو: سن پرسان ڪار ڪلٽي ٿيڻ سبب 2 پوليس اهلڪار فوت، 2 زخمي

ڄامشورو(رپورٽر) سن پرسان ڪار ڪلٽي ٿيڻ سبب 2 پوليس اهلڪار فوت ٿي ويا، ٽيباٽ ٽاٽي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

وفاقي حڪومت طرفان بجلي جي ٽرانسفارمرز بابت نئون نظام متعارف ڪرائڻ جو فيصلو

نئين نظام کان پوءِ سمورن فيڊرز کي بند ڪرڻ جي ضرورت پيش نه ايندي جنهن ٽرانسفارمر تي بجلي چوري ٿيندي صرف انهي کي بند ڪيو ويندو: اويس لغاري

نئين نظام جو ريگوليٽري فريم ورڪ ايندڙ سال اپريل يا مئي تائين ڏنو ويندو

ملڪ ۾ بجلي جي ڪا به اضافي لوڊشيڊنگ نه پئي ڪئي وڃي نيٽ ميٽرنگ سسٽم ۾ به تبديلي کان پوءِ ماڻهن بيٽريون لڳائڻ شروع ڪري ڇڏيون آهن

نظام ۾ نقصانن تي ڪنٽرول ڪرڻ حڪومت ۽ بجلي جي ورهاست ڪندڙ ڪمپنين جي لاءِ هميشه هڪ وڏو چيلينج رهيو آهي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي حڪومت بجلي چوري جي روڪٿام جي لاءِ بجلي جي ٽرانسفارمرز کي ڌار ڌار آن ۽ آف ڪرڻ جو نظام متعارف ڪرائڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. وفاقي وزير توانائي اويس لغاري پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو ته نئين نظام/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

ڀارت لاءِ هوائي حدون بند ڪرڻ ۾ هڪ مهيني جي واڌ

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان ڀارت لاءِ پنهنجي هوائي حدن جي بندش کي هڪ مهيني لاءِ وڌائي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

ڪراچي ۾ گرمي ۽ حبس جو زور، هوائون بحال ٿيڻ جو امڪان

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ گرمي ۽ حبس جي شدت برقرار آهي، جڏهن ته موسميات کاتي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

فيول اسڪيم جو حصو نه بڻجنداسين، زبردستي ڪرڻ تي پيٽرول پمپ بند ڪري ڇڏينداسين: پي پي ڊي اي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيٽروليم ڊيلرز ايسوسيئيشن(پي پي ڊي اي) اعلان ڪيو آهي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

اسلام آباد: نيپا پشاور جي 47هين مڊ ڪيريئر مئنيجمينٽ ڪورس جي وفد جو پرڏيهي وزارت جو دورو ڪندي

چوري ڪري آمريڪا اسمگل ڪيل پاڪستان جون 36 نوادرات حڪومت حوالي

نيويارڪ ڪائونٽي ڊسٽرڪٽ اٽارني آفيس ۾ ان حوالي سان هڪ تقريب منعقد ٿي

جنهن ۾ نيويارڪ ۾ پاڪستان جي قونصل جنرل عامر احمد اتوزئي لاڳاپيل معاهدي تي صحيحون ڪيون

اسلام آباد (بيورو) چوري ڪري آمريڪا اسمگل ڪيل پاڪستان جون 36 نوادرات حڪومت حوالي پاڪستان مان چوري ڪري آمريڪا اسمگل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

نيو ڪراچي ۾ پوليس مقابلو، مبينا ڦورو مارجي ويو

موٽرسائيڪل سوار ٻن شڪي ماڻهن کي روڪي تلاشي وٺڻ جي ڪوشش ڪئي وئي

هنن فرار ٿيندي پوليس اهلڪارن تي فائرنگ ڪئي، بلٽ پروف جيڪٽن سبب اهلڪار محفوظ رهيا

ڪراچي(رپورٽر) نيو ڪراچي سيڪٽر 11-آءِ ۾ پوليس مقابلي دوران هڪ مبينا ڦورو مارجي ويو، جڏهن ته سندس ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. پ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

ڪراچي ۾ ڊگهي لوڊشيڊنگ خلاف نيپرا کي خط

وزيراعظم جي نوٽيس باوجود ڪراچي ۾ بجلي جو بحران ختم نه ٿيو آهي: عامر صديقي

مختلف علائقن ۾ 11،11 ڪلاڪن جي لوڊشيڊنگ جاري آهي

ڪراچي (رپورٽر)سنڌ اسيمبلي جي ميمبر عامر صديقي ڪراچي ۾ ڪي اليڪٽرڪ جي ڊگهي لوڊشيڊنگ خلاف نيپرا چيئرمين کي خط لکي فوري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

زبيدين ايلومني ايسوسيئيشن جو پهريون انتظامي اجلاس حيدرآباد ۾ منعقد

جنهن ۾ گورنمينٽ گرلز زبيده ڪاليج جي اڳوڻين شاگردياڻين، تعليمي ماهرن ۽ اڳوڻين پرنسپالن شرڪت ڪئي

اجلاس ۾ ايسوسيئيشن جي قيام، مقصدن، تنظيم ۽ مستقبل جي حڪمتِ عملي بابت تفصيلي غور ويچار

حيدرآباد (رپورٽر) زبيدين ايلومني ايسوسيئيشن جو پهريون انتظامي اجلاس حيدرآباد جمخانا ۾ منعقد ٿيو، جنهن ۾ گورن/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

حيدرآباد: زبيدين ايلومني ايسوسيئيشن جو پهريون انتظامي اجلاس حيدرآباد ۾ منعقد ڪيو ويو

سرجاني ٽائون ۾ ماءُ ۽ 3 ٻارن جي قتل جي جاچ ۾ اهم اڳڀرائي نه ٿي

مقتولا مهوش جو موبائل فون ۽ قتل ۾ استعمال ٿيل اوزار به هٿ نه اچي سگهيا

گهر جي چڪاس باوجود موبائل فون نه مليو، فون جو ڪال ڊيٽا رڪارڊ حاصل ڪيو پيو وڃي

ڪراچي(رپورٽر) سرجاني ٽائون ۾ ماءُ ۽ 3 ٻارن جي قتل جي جاچ ۾ اهم اڳڀرائي نه ٿي سرجاني ٽائون ۾ ماءُ ۽ 3 ٻارن جي قتل واري واقعي کي 30 /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

پيپلزپارٽي ڪڏهن به سنڌ جو سودو نه ڪندي، صوبن کان ڪينالن تائين هر معاملي ۾ عوام سان گڏ آهيون: منظور وساڻ

اهڙو ڪو به فيصلو قبول نه ڪيو ويندو، ملڪ ۾ اڳ ئي بحران وڌي چڪو آهي، تنهنڪري صورتحال کي وڌيڪ بحران ڏانهن نه ڌڪيو وڃي

صوبن جو معاملو هجي يا ڪينالن جو، پاڪستان پيپلزپارٽي جي قيادت ڪڏهن به سنڌ جو سودو نه ڪندي

پيپلزپارٽي جي سموري قيادت سنڌ جي عوام سان گڏ بيٺل آهي ۽ صوبي جي مفادن جي تحفظ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي

ڪراچي (رپورٽر) پيپلزپارٽي جي سينيئر اڳواڻ منظور حسين وساڻ چيو آهي ته فيصلا ڪندڙ عقل کان ڪم وٺن ۽ سنڌ ۾ بلوچستان جهڙيون حالتون پيدا نه ڪن. هن بيان ۾ هن سنڌ ۾ نون صوبن جي قيام واري تجويز کي رد ڪندي چيو ته اه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو پي ٽي آءِ اڳواڻن کي هراسان ۽ گرفتار نه ڪرڻ جو حڪم

لانگ مارچ کان اڳ ٻيهر گرفتاريون ۽ ڇاپا شروع ڪيا ويا آهن: وڪيل

ڪارڪنن جي گهرن تي ڇاپن دوران سامان ۽ رقم ڪڻڻ جا الزام پڻ لڳايا ويا

عورتن، ٻارن ۽ نياڻين کي به مبينا طور گهرن مان ڪنيو وڃي ٿو ۽ هو حلف ناما ۽ سي سي ٽي وي فوٽيج پيش ڪرڻ لاءِ تيار آهن

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ 27 سيپٽمبر واري لانگ مارچ کان اڳ پي ٽي آءِ اڳواڻن کي هراسان ۽ گرفتار ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو. جسٽس راجا انعام امين منهاس ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي، شعيب شاهين، ملڪ عامر علي ۽/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي

خميس 17 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 04 ربيع الثاني 1448ھ

پيٽرول مهانگو، عوام ڇو سزا ڀوڳي؟ سمارٽ لاڪ ڊائون جو پڙاڏو

ملڪ ۾ مهانگائي اڳ ئي عوام جي چيلهه ڀڃي ڪري ڇڏي آهي، مٿان وري پيٽروليم شين جي وڌندڙ قيمتن عوام لاءِ نيون پريشانيون پيدا ڪري ڇڏيون آهن. پيٽرول رڳو گاڏين جو ٻارڻ ناهي، پر ملڪ جي سموري معاشي ڦيٿي سان ڳنڍيل آهي. جڏهن پيٽرول مهانگو ٿئي ٿو ته ٽرانسپورٽ جا ڀاڙا وڌن ٿا، مال برداري مهانگي ٿئي ٿي، کاڌي پيتي جي شين کان وٺي روزمره جي هر ضرورت جي قيمت وڌي وڃي ٿي ۽ آخرڪار ان جو سڄو بار عام ماڻهوءَ جي کيسي تي پوي ٿو.

هاڻي جيڪڏهن پيٽروليم شين جي وڌندڙ اگهن کي منهن ڏيڻ لاءِ وفاقي حڪومت پاران ”پيٽروليم سمارٽ لاڪ ڊائون“ جهڙي تجويز تي غور ڪيو پيو وڃي، جنهن تحت سرڪاري ۽ خانگي آفيسن ۾ هفتي جا چار ڏينهن ڪم، ٽن ڏينهن جون موڪلون، بازارن کي ڪجهه ڏينهن بند رکڻ، ڪم جا وقت گهٽائڻ ۽ سرڪاري ملازمن کي روٽيشن تحت ڪم ڪرائڻ جون تجويزون شامل آهن، ته حڪومت کي اهو ضرور سوچڻ گهرجي ته اهڙا قدم مسئلي جو مستقل حل آهن يا رڳو عوام کي وڌيڪ پابندين ۾ رکڻ جي ڪوشش. پيٽرول جي قيمت وڌائڻ کان پوءِ عوام جي اچ وڃ محدود ڪرڻ، بازارون بند ڪرائڻ يا ڪاروباري سرگرميون گهٽائڻ سان معيشت مضبوط نه ٿيندي، پر ان سان روزگار، ڪاروبار ۽ عام ماڻهوءَ جي آمدني تي وڌيڪ اثر پئجي سگهي ٿو.

اصل سوال اهو آهي ته پيٽرول ايترو مهانگو ڇو ٿيو آهي ۽ ان جي قيمت ۾ حڪومت جا ٽيڪس ۽ ليوي ڪيتري حصي تي مشتمل آهن؟ سنڌ اسيمبلي ۾ به مخالف ڌر جي ميمبر پاران پيٽروليم شين جون قيمتون گهٽائڻ بابت پيش ڪيل قرارداد جو متفقه طور منظور ٿيڻ ان ڳالهه جو واضح اظهار آهي ته پيٽرول جي مهانگائي هاڻي رڳو ڪنهن هڪ جماعت جو سياسي مسئلو نه رهيو آهي، پر عوام جي گڏيل تڪليف بڻجي چڪي آهي. صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پاران پيٽروليم ليوي ختم ڪرڻ جو مطالبو ۽ سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد پاران پيٽرول تي لاڳو ٽيڪسن ۾ گهٽتائي جي ڳالهه ان طرف اشارو ڪري ٿي ته حقيقي رليف رڳو عارضي سبسڊي سان نه، پر پيٽرول جي مجموعي قيمت گهٽائڻ سان ئي ممڪن آهي.

وفاقي حڪومت جيڪڏهن هڪ طرف عوام کي پيٽرول تي ڪجهه رليف ڏيڻ جي ڳالهه ڪري ٿي ۽ ٻي طرف پيٽروليم شين تي ڳرا ٽيڪس ۽ ليوي وصول ڪري ٿي ته اها پاليسي عام ماڻهوءَ لاءِ سمجهڻ کان ٻاهر آهي. حڪومت کي پنهنجي آمدني وڌائڻ لاءِ هر ڀيري عوام جي کيسي ڏانهن ڏسڻ بدران غيرضروري خرچن، حڪومتي ادارن جي ڪارڪردگي، مراعات ۽ ٽيڪس چوري تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن ملڪ جي خزاني کي مضبوط ڪرڻو آهي ته بار بار پيٽرول، بجلي، گئس ۽ عام واهپي جي شين تي بار وجهڻ بدران آمدني وڌائڻ جا منصفاڻا ذريعا ڳولڻ گهرجن.

پيٽرول جي قيمت جو اثر رڳو موٽر سائيڪل يا ڪار هلائيندڙ تي نه پوي ٿو. هڪ آبادگار پنهنجي فصل لاءِ مشينري ۽ پاڻي لاءِ ٻارڻ استعمال ڪري ٿو، ٽرانسپورٽر مال ڪڻي ٿو، دڪاندار سامان منگائي ٿو ۽ آخرڪار اهو وڌيل خرچ صارف کان وصول ڪيو وڃي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن گڊز ٽرانسپورٽ جي لاڳت گهٽ نه ٿيندي ته کاڌي پيتي جون شيون ڪيئن سستيون ٿينديون؟ ان ڪري پيٽرول تي معمولي يا مخصوص طبقي لاءِ رعايت ڏيڻ بدران قيمت ۾ مجموعي ۽ حقيقي گهٽتائي ڪرڻ ضروري آهي.

ملڪ اڳ ئي بيروزگاري، مهانگائي، بجلي ۽ گئس جي وڌندڙ بلن، گهٽ ٿيندڙ خريداري قوت ۽ ڪاروباري مندي جو شڪار آهي. اهڙي وقت ۾ بازارون بند ڪرڻ يا ڪم جا ڏينهن گهٽائڻ سان معاشي سرگرمي وڌيڪ متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي. حڪومت کي اهڙن قدمن کان اڳ واپارين، صنعتڪارن، مزدورن، ٽرانسپورٽرن ۽ عام صارفن کي اعتماد ۾ وٺڻ گهرجي. عوام کي قرباني ڏيڻ لاءِ چوڻ آسان آهي، پر حڪمرانن ۽ مراعات يافته طبقي کي به پنهنجي حصي جي قرباني ڏيڻي پوندي.

ساڳئي وقت سياسي جماعتن لاءِ به هي امتحان آهي. عوام کي رليف ڏيڻ وارو معاملو اقتدار يا مخالفت جي سياست تائين محدود نه ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن پيٽرول جي مهانگائي واقعي عوام جو مسئلو آهي ته وفاقي حڪومت ۾ شامل جماعتن کي به پنهنجي حڪومت آڏو واضح موقف رکڻو پوندو ۽ مخالف ڌر کي به رڳو بيانن بدران پارلياماني ۽ جمهوري طريقي سان عوام جي آواز کي مضبوط ڪرڻ گهرجي. سنڌ اسيمبلي جي متفقه قرارداد ان ڳالهه جو مثال آهي ته عوامي مفاد جي مسئلن تي سياسي اختلافن کان مٿاهون ٿي گڏيل موقف اختيار ڪري سگهجي ٿو.

اڄ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته وفاقي حڪومت پيٽروليم شين جي قيمتن بابت شفاف پاليسي سامهون آڻي. ٽيڪسن ۽ ليوي جي تفصيلي وضاحت ڪري ۽ عوام کي ٻڌائي ته قيمت گهٽائڻ لاءِ ڪهڙا قدم کنيا پيا وڃن. جيڪڏهن حڪومت جو جواب رڳو موڪلون وڌائڻ، بازارون بند ڪرڻ ۽ ماڻهن جي اچ وڃ محدود ڪرڻ تائين محدود رهيو ته ان سان عوام جي اصل تڪليف ختم نه ٿيندي. عوام کي پابندين بدران رليف گهرجي، اعلانن بدران عملي قدم گهرجن ۽ عارضي سهولتن بدران اهڙي معاشي پاليسي گهرجي، جيڪا روزمره زندگي کي آسان بڻائي.

ملڪ کي اهڙي وقت ۾ ”سمارٽ لاڪ ڊائون“ کان وڌيڪ ”سمارٽ معاشي پاليسي“ جي ضرورت آهي. حڪومت کي عوام جي حرڪت محدود ڪرڻ بدران مهانگائي جي سببن کي محدود ڪرڻو پوندو. پيٽرول جي قيمت گهٽ ٿيندي ته ٽرانسپورٽ، مال برداري ۽ روزمره جي شين جي قيمتن تي به مثبت اثر پوندو. تنهن ڪري وفاقي حڪومت کي عوام جي وڌندڙ بيچيني کي سمجهندي پيٽروليم ليوي ۽ ٽيڪسن ۾ مناسب گهٽتائي، غيرضروري سرڪاري خرچن ۾ ڪٽوتي ۽ معاشي سرگرمين کي وڌائڻ لاءِ فوري ۽ عملي قدم کڻڻ گهرجن. عوام اڳ ئي تمام گهڻو بار برداشت ڪري چڪو آهي؛ هاڻي وڌيڪ وڏيڪ بار نه، پر حقيقي رليف جو وقت آهي.

شهيد عثمان غني جي 31هين ورسي تي خاص مضمون

حبيب الدين جنيدي

سڄي دنيا وانگر پاڪستان جي مزدور تحريڪ به پنهنجي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جي پرعزم جدوجهد ۽ قربانين سان ڀرپور تاريخ رکي ٿي. آمريڪا جي شهر شڪاگو ۾ 1886ع جي تاريخ ساز مزدور جدوجهد سڄي دنيا ۾ پورهيتن جي طاقت مڃرائي. اهڙيءَ طرح پاڪستان ۾ به ننڍن وڏن صنعتي شهرن ۾ محنت ڪش عوام پنهنجن انساني ۽ آئيني حقن جي تحفظ لاءِ ناقابلِ فراموش تحريڪون هلائيون. پاڪستان ۾ صنعتي مزدورن سان گڏ وائيٽ ڪالر ملازمن جي جدوجهد به نمايان رهي آهي. پي آءِ اي، بينڪن، انشورنس، بلدياتي، خودمختيار، نيم خودمختيار، سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن جي ملازمن جي تنظيمن جدوجهد جا قابلِ فخر مثال قائم ڪيا آهن.

بينڪنگ انڊسٽري جي ٽريڊ يونين اڳواڻن ۾ شهيد عثمان غني جو نالو انتهائي نمايان حيثيت رکي ٿو. عثمان غني کي 17 سيپٽمبر 1995ع تي ڪراچي ۾ سندس رهائشگاهه پرسان دهشتگردن شهيد ڪري ڇڏيو. سندس تعلق ڪراچي جي قديم علائقي چنيسر ڳوٺ سان هو. عثمان غني پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات مسلم ڪمرشل بئنڪ لميٽيڊ جي ملازمت سان ڪئي. نوجوانيءَ کان ئي سندس اندر قيادت جون صلاحيتون موجود هيون، جنهن سبب هو تمام جلد بئنڪ ملازمن ۾ مقبول ٿي ويو ۽ سي بي اي يونين جو صدر چونڊيو ويو. اتان کان سندس مزدور تحريڪ سان وابستگي شروع ٿي، جيڪا زندگيءَ جي آخري گهڙي تائين قائم رهي. عثمان غني هڪ جمهوريت پسند سياسي ڪارڪن به هو. پنهنجي آبائي علائقي چنيسر ڳوٺ ۾ هو پاڪستان پيپلز پارٽي جو سرگرم اڳواڻ طور سڃاتو ويندو هو. شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي قيادت ۾ هن جمهوريت جي بحالي لاءِ هلندڙ هر تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ قربانيون ڏنيون. مسلم ڪمرشل بئنڪ جي سي بي اي يونين جي صدر ۽ پاڪستان بينڪس ايمپلائز فيڊريشن جي ڊپٽي سيڪريٽري جنرل جي حيثيت ۾ عثمان غني ملازمن جي حقن لاءِ انتهائي بهادري سان جدوجهد ڪئي. هن ڪيترين ئي تڪليفن ۽ جيلن کي منهن ڏنو پر پنهنجي موقف تان پوئتي نه هٽيو. عثمان غني جي زندگيءَ جي آخري جيل ياترا 1991ع جي شروعات ۾ ٿي، جنهن ۾ ليکڪ به سندس همسفر هو. ان وقت نواز شريف وزيراعظم هو ۽ قومي ملڪيت وارن ادارن جي نجڪاري واري پاليسي تي عملدرآمد ڪيو پئي ويو. ان دور ۾ نجڪاري خلاف پاڪستان جي ٽريڊ يونينن اتحاد قائم ڪيو. جنهن تحت 160 سي بي اي ٽريڊ يونينن ملڪ گير هڪ ڏينهن جي علامتي هڙتال ڪئي.

ان هڙتال جي پاداش ۾ شهيد عثمان غني کي سندس آفيس، جيڪو ايم سي بي هيڊ آفيس ۾ واقع هو، تان پوليس ڇاپو هڻي گرفتار ڪيو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سندس گرفتاري خلاف آءِ آءِ چندريگر روڊ تي ٿيل وڏي احتجاجي جلسي کي خطاب ڪرڻ ڪانپوءِ ليکڪ کي به گرفتار ڪري ڪراچي سينٽرل جيل منتقل ڪيو ويو. ٻنهي جي آزادي ايم سي بي بئنڪ جي خانگي شعبي کي وڪرو ٿيڻ ڪانپوءِ عمل ۾ آئي. عثمان غني جو شمار انهن مزدور اڳواڻن ۾ ٿيندو هو، جن سان شهيد محترمه بينظير ڀٽو انتهائي شفقت سان پيش ايندي هئي. پيپلز پارٽي جي ذيلي تنظيم پيپلز ليبر بيورو جي قيام لاءِ شهيد بينظير ڀٽو کي قائل ڪرڻ ۾ به شهيد عثمان غني ۽ عبدالعزيز ميمڻ اهم ڪردار ادا ڪيو. اڄ شهيد عثمان غني جي شهادت جي 31هين ورسي ملهائي پئي وڃي. سندس ياد ان ڪري به تازو ڪئي پئي وڃي، ڇاڪاڻ ته هو هڪ شريف النفس، بااخلاق، مهذب ۽ تعليم يافته مزدور اڳواڻ هو. جنهن پنهنجي اداري جي مزدور انجمن جي چونڊن ۾ ڪڏهن به شڪست نه کاڌي. عثمان غني پنهنجي سياسي ۽ مزدور جدوجهد دوران مخالفن سان به ڪڏهن انتقامي رويو اختيار نه ڪيو، پر درگذر کان ڪم ورتو. هن رڳو بينڪنگ انڊسٽري جي ملازمن جي حقن لاءِ جدوجهد نه ڪئي، پر ٻين ادارن جي مزدورن جي جدوجهد ۾ به هميشه ڀرپور ساٿ ڏنو. ان ئي سبب ڪري ان دور جا نامور مزدور اڳواڻ نبي احمد، ايس پي لوڌي ۽ ٻين ڪيترن ئي سينئر مزدور اڳواڻن وٽ کيس وڏي عزت ۽ قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. اڄ عثمان غني شهيد اسان جي وچ ۾ موجود ناهي، پر جنهن عظيم مشن جي شروعات هن ڪئي هئي، ان کي پڄاڻيءَ تائين پهچائڻ لاءِ پاڪستان جو مزدور طبقو اڄ به ڏينهن رات جدوجهد ڪري رهيو آهي. تاريخ جو اٽل فيصلو آهي ته جڏهن جبر جون قوتون ڪنهن هڪ ڏيئي جي لاٽ وسائينديون آهن ته قدرت هڪ نئين ڏيئي کي روشن ڪري ڇڏيندي آهي. عثمان غني جي حوالي سان به ائين ئي ٿيو. سندس باصلاحيت فرزند سينيٽر سعيد غني پنهنجي شهيد والد جي مشعل کي پوري جوش ۽ جذبي سان اڳتي وڌائي رهيو آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ ۽ سنڌ جي صوبائي وزير محنت جي حيثيت سان سعيد غني محنت ڪش ۽ مظلوم پورهيتن جي مسئلن جي حل لاءِ ممڪن قدم کڻي رهيو آهي. سندس دور ۾، خاص طور تي 18هين آئيني ترميم جي نفاذ ڪانپوءِ، سنڌ ۾ مزدورن جي حقن سان لاڳاپيل ڪيترائي مزدور دوست قانون متعارف ڪرايا ويا آهن. مزدورن جي معاملن ۾ ته طرفي مشاورت کي ضروري قرار ڏنو ويو. مزدورن جي فلاحي ادارن ۾ حڪومت جي نمائندگي گهٽائي مزدور اڳواڻن جي نمائندگي وڌائي وئي، جڏهن ته فلاحي ادارن ۾ اربين رپين جي ڪرپشن خلاف به قدم کنيا ويا آهن. مزدور اڳواڻن سان مشاورت جو سلسلو پڻ جاري رکيو پيو وڃي. هن وقت به ليبر ڪوڊ 2024ع بابت مزدور اڳواڻن سان صوبائي وزير محنت جون ملاقاتون جاري آهن، ته جيئن اتفاق راءِ سان قانون سازي جو عمل مڪمل ڪري سگهجي. شهيد عثمان غني جي جدوجهد ۽ قربانيون پاڪستان جي مزدور تحريڪ لاءِ هڪ روشن باب آهن. سندس مشن کي اڳتي وڌائڻ ۽ محنت ڪش عوام جي حقن جي تحفظ لاءِ جدوجهد جاري رکڻ ئي سندس قربانين کي حقيقي خراج عقيدت پيش ڪرڻ آهي.

پورهيت

صالح شريف

اڄڪلهه مهانگائي جي ڪري هر گهر ۾ فڪر جي ڳالهه آهي. پر سڀ کان وڌيڪ پريشان اسان جو پورهيت طبقو آهي. اهو طبقو جيڪو صبح کان شام تائين ڏهاڙي تي محنت ڪري ٿو، پر شام جو پنهنجي ٻارن لاءِ به وقت جي ماني به پوري نٿو ڪري سگهي.

اڄ هڪ پورهيت مزدور ڏينهن جو 400 کان 500 روپيا ڪمائي ٿو. ڪڏهن ڪم ملي ٿو ڪڏهن نٿو ملي. هاڻي توهان پاڻ حساب لڳايو. 500 روپيا ۾ هن کي اٽو، دال، کنڊ، چانور، ڀاڄي، ڪير، دوا ۽ بجلي بل ڪيئن پورو ڪرڻو آهي؟

اٽي جي 20 ڪلو جي ٿيلهي هاڻي 3000 کان مٿي ٿي وئي آهي. گيهه ۽ تيل جي بوتل 800 روپيا آهي. کنڊ 150 روپيا ڪلو، چانور 300 روپيا ڪلو. دوائن جا ريٽ ٻيڻا ٽيڻا ٿي ويا آهن. هڪ بخار جي دوا به هاڻي 100 روپيا کان گهٽ ناهي ملندي. ٻار بيمار ٿئي ته پورهيت وٽ ايترا پئسا ڪٿي آهن جو ڊاڪٽر وٽ وٺي وڃي؟

صبح جو گهر مان نڪرندي مزدور سوچي ٿو ته اڄ 500 ڪمائيندس. پر گهر وڃي ٿو ته ٻارچون ٿا "بابا بک لڳي آهي". گهرواري چوي ٿي "اٽو ختم ٿي ويو آهي". پاڙيسري دڪاندار کان قرض تي گهر جو سوڌو وٺي ٿو اچي. مهيني جي آخر ۾ قرض وڌندو پيو وڃي.

اونهاري ۾ بجلي جو بل پنج هزار کان ڏهه هزار، سياري ۾ گئس جو بل. پيٽرول 300 روپيا ليٽر. رڪشي جو ڪرايو به هاڻي عام ماڻهو جي پهچ کان ٻاهر آهي. پورهيت سوچي ٿو ته هاڻي ڪيئن جيئندو ۽ پنهنجي اولاد کي ڪيئن پاليندو.

ٻئي پاسي حڪمرانن جون عياشيون ڏسو. انهن جي پگهارون ڊبل ٿي ويون آهن. انهن لاءِ ڪاڏو، پيٽرول، بجلي، گهمڻ ڦرڻ سڀ ڪجهه سرڪاري خزاني مان فري آهي. روز نوان پيڪيج، نوان پروجيڪٽ ۽ نوان دورا.

جڏهن مهانگائي وڌي ٿي ته حڪمران چون ٿا "صبر ڪريو". پر پاڻ پنهنجون سهولتون گهٽ ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. غريب لاءِ اعلان ٿئي ٿو "1000 روپيا جو پيڪيج". پر اهو پيڪيج به سڌو غريب تائين نٿو پهچي، حڪمرانو، خدا جي ڪورٽ ۾ توهان ڇا جواب ڏيندا؟ جنهن پورهيت رت ۽ پگهر وهائي ملڪ ٺاهيو آهي، اڄ اهو بک تي مري ٿو ۽ توهان عياشون پيا ڪيو.

قرآن پاڪ ۾ آهي ته غريب جو حق ڪائڻ وڏو گناهه آهي. جيڪڏهن توهان کي خدا جو خوف آهي ته پوءِ پنهنجون عياشيون گهٽ ڪريو. پنهنجون پگهارون ۽ پيڪيج گهٽ ڪريو. سرڪاري خرچ گهٽ ڪريو.

روزانو ڏهاڙي گهٽ ۾ گهٽ 2000 روپيا مقرر ڪئي وڃي ته جيئن پورهيت عزت سان جيئي سگهي.

اٽو، گر، کنڊ، دوائن جي قيمتن تي ڪنٽرول ڪيو وڃي.

غريبن لاءِ راشن ۽ صحت ڪارڊ جو نظام شفاف بڻايو وڃي.

حڪمران پنهنجون فالتو خرچيون ۽ عياشيون ختم ڪن.

ياد رکو، ڪو به ملڪ تڏهن ترقي ڪندو آهي جڏهن پورهيت خوشحال هوندو آهي. پورهيت پريشان رهندو ته ملڪ ترقي نٿو ڪري سگهي.

اسان حڪمرانن کان اپيل ٿا ڪريون ته خدا جو قهر نازل ٿيڻ کان اڳ هوش کان ڪم وٺو. غريبن لاءِ عملي پيڪيج رکو. پنهنجا پيٽ ڀرڻ بدران قوم جو پيٽ ڀريو.

پورهيت هن ملڪ جو بنياد آهي. بنياد ڪمزور ٿي ويو ته عمارت ڪيئن بيهندي؟

بقايا 01 ***

چيو ته پاڪستان خطي ۾ ان کان ٻاهر امن جو حامي آهي ۽ انڪري ئي تهران ۽ واشنگٽن وچ ۾ ثالثي جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري کان پڇيو ويو ته ثالثي جي ڪوشش ۾ ڪهڙي اڳڀرائي ٿي آهي؟ جنهن تي هن جواب ڏيندي چيو ته ڪيترن ئي ڏهاڪن کان هلندڙ ۽ پيچيده تڪرارن ۾ ثالث جو ڪردار غيرجانبدار ۽ معروضي رهڻ هوندو آهي. تنهن ڪري پاڪستان ثالثي طور جاري رابطن يا امڪاني اڳڀرائي بابت تبصرو نه ڪندو. ڪانفرنس پڇيو ويو ته پاڪستان اهڙو ڇا ڪري سگهي ٿو جيڪو ٻيا ثالث نه ڪري سگهيا، ان تي پاڪ فوج جي ترجمان چيو ته پاڪستان ۽ ٻين ثالثن جو مقصد هڪ ئي آهي، يعني پائيدار ۽ پرامن حل. هن چيو ته پاڪستان جا آمريڪا ۽ ايران ٻنهي سان ڊگهي عرصي کان لاڳاپا آهن. جڏهن ته هن تڪرار ۾ پاڪستان جي قيادت جو ڪو به مفاد ناهي. ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو ته آمريڪا، ايران، چين ۽ ٻين ملڪن سان پاڪستان جا لاڳاپا ميرٽ ۽ گڏيل مفادن جي بنياد تي قائم آهن. افغان سرزمين پاڪستان خلاف دهشتگردي لاءِ استعمال نه ٿيڻ گهرجي: فوجي ترجمان افغانستان بابت ڳالهائيندي احمد شريف چوڌري چيو ته پاڪستان جي پهرين ترجيح اها آهي ته افغان سرزمين پاڪستان خلاف دهشتگردي لاءِ استعمال نه ٿئي. سندس چوڻ هو ته افغانستان جي طالبان حڪومت بابت فوج جو به اهو ئي موقف آهي، جيڪو سياسي قيادت جو آهي. ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري ڪيترن ئي شدت پسند تنظيمون اڃا تائين افغانستان مان سرگرميون ڪري رهيون آهن ۽ اهو رڳو پاڪستان جو موقف ناهي، پر عالمي رپورٽن ۾ به ان جو ذڪر موجود آهي. پاڪستان فوج جي ترجمان کان سوال ڪيو ويو ته جيڪڏهن سفارتڪاري ناڪام ٿي وڃي ته سرحد پار کان ٿيندڙ حملن جي بنياد تي امن ۽ علائقائي استحڪام جو خطرو آهي. پر جيڪڏهن فوجي اڳڀرائي ذريعي علائقائي بالادستي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته ان جي نتيجي جو ”تصور به نٿو ڪري سگهجي.“ ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو ته پاڪستان پنهنجي سلامتي ۽ علائقائي سالميت جي تحفظ لاءِ ضروري قدم کڻڻ ۾ ڪا به هٻڪ محسوس نه ڪندو. مستقبل ۾ جوهري تڪرار جي خطرن بابت سوال تي هن چيو ته پاڪستان جي جوهري صلاحيت دشمن کي حملي کان روڪي ٿي، جڏهن ته سياسي قيادت جو صبر ۽ رابطن جو سلسلو پڻ ڇڪتاڻ گهٽائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. انٽرويو دوران ڪانفرنس پڇيو ويو ته پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ فوج کان فوج جا رابطا بحال ٿيڻ جا امڪان موجود آهن؟ پاڪستان فوج جي ترجمان جواب ڏيندي چيو ته ٻنهي ملڪن جي ڊائريڪٽر جنرل ملٽري آپريشنز وچ ۾ هاٽ لائن ڪيترن ئي ڏهاڪن کان اثرائتي نموني ڪم ڪري رهي آهي. ايستائين جو ڇڪتاڻ وارن دورن ۾ به اها فعال رهي آهي. ڀارت سان ڳالهين جي بحالي بابت سوال تي احمد شريف چوڌري چيو ته ان بابت فيصلو سياسي قيادت کي ڪرڻو آهي، جڏهن ته ڪا به ڳالهه ٻولهه برابري، گڏيل احترام ۽ مسئلن جي مخلصاڻي حل جي ڪوشش تي ٻڌل هئڻ گهرجي. ڀارت جي دفاعي صلاحيتن بابت سوال جي جواب ۾ پاڪستان فوج جي ترجمان چيو ته پاڪستان فوجي صلاحيتن ۾ ڀارت جي سيڙپ ڪاري کان آگاهه آهي. ان باوجود پاڪستان هٿيارن جي ڊوڙ ۾ شامل ناهي. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان جون فوجي صلاحيتون دفاعي نوعيت جون آهن ۽ ملڪ کي پنهنجي دفاعي صلاحيت تي مڪمل اعتماد آهي. فوجي ڪاررواين ۽ سيڪيورٽي بابت معلومات ڳجهي هوندي آهي: ڊي جي آءِ ايس پي آر مڪي معاهدي تي ڪنهن هڪ ڌر تي حملي جي صورت ۾ ٻئي جي ردعمل بابت سوال تي ڊي جي آءِ ايس پي آر ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو ته دفاعي معاهدن تي عملدرآمد جي طريقيڪار کي ڪڏهن به عوامي سطح تي ظاهر نه ڪيو ويندو. هن چيو ته ڪنهن حملي جو ردعمل ڇا هوندو ته ٻئي ملڪ حڪمت عملي جوڙيندا ۽ ان موجب ان تي عملدرآمد ڪندا. هن وڌيڪ چيو ته مڪي معاهدي تي ڪنهن کي ڪو اعتراض ناهي، سڀ سمجهن ٿا ته اهو قدم دفاعي نوعيت جو آهي ۽ ان جو مقصد خطي ۾ استحڪام ۽ امن برقرار رکڻ آهي. دفاع بابت ٻيا به معاهدا موجود آهن. جن ۾ هڪ ٻئي کي سهڪار فراهم ڪرڻ جون خاطريون ڪرايون ويون آهن. ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته اوهان اصل ۾ اهو پڇي رهيا آهيو ته معاهدي تحت ڪارروائي ڪيئن ڪئي ويندي. فوجي ڪاررواين ۽ سيڪيورٽي بابت ڄاڻ ڳجهي هوندي آهي، ڪنهن به ڪارروائي جو فيصلو انهن ٻنهي ملڪن کي ڪرڻو آهي. مڪي معاهدي ۾ شامل ٽنهي ملڪن جا چين سان بهترين لاڳاپا آهن: پاڪ فوج جي ترجمان وڌيڪ چيو ته ڪو به لفظ مان ئي واضح آهي. اهو دفاعي سهڪار جو معاهدو آهي. ان ۾ ڪو به جارحاڻو پاسو ناهي. گڏيل دفاعي معاهدو ڪنهن ٻئي لاءِ سهڪار جي نوعيت رکي ٿو جڏهن ته انهن سمورن ملڪن جا ٻين ملڪن سان پنهنجا آزاد ۽ الڳ لاڳاپا آهن. ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري جي ڳالهه، سعودي عرب ۽ ترڪيه جا لاڳاپا اوچتو وجود ۾ ناهن آيا، چين ان ڳالهه کي سمجهي ٿو ۽ دنيا به سمجهي ٿي ته اهي لاڳاپا ڪيترا گهرا ۽ تاريخي آهن. جن ۾ اهي لاڳاپا ۽ واضح معاهدي جي شڪل ڏني وئي آهي. هن چيو ته سڀ سمجهن ٿا ته اهو معاهدو دفاعي نوعيت جو آهي. ٽنهي ملڪن جا چين سان به بهترين لاڳاپا آهن. ته پاڪستان جا چين سان انتهائي اهم ۽ اسٽريٽجڪ لاڳاپا آهن.

بقايا 02 ***

منظور ڪيل سمرين ۾ نيشنل انسٽيٽيوٽ آف فوڪ اينڊ ٽريڊيشنل هيريٽيج (لوڪ ورثو) ترميمي بل 2026ع، اسٽينڊرڊ ٽائيم (حوالن جي وضاحت) ترميمي بل 2026ع، آرمڊ فورسز انسٽيٽيوٽ آف يورالوجي (AFIU) راولپنڊي جي ٽيبل آف آرگنائيزيشن اينڊ ايڪيوپمينٽ ۾ نظرثاني ۽ ساموندي جهازن ۾ موجود نقصانڪار مواد کي ماحول دوست طريقي سان منظم ڪرڻ بابت بل 2026ع جي منظوري شامل آهي. صدر مملڪت آرمڊ فورسز انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (يمز) جي اسٽاف نرس رضيه نورين کي تمغاءِ شجاعت ڏيڻ جي منظوري پڻ ڏني. رضيه نورين يمز ۾ باهه لڳڻ واري واقعي دوران پنهنجي جان خطري ۾ وجهي اڪيلي [illegible] ٻچن کي محفوظ نموني ٻاهر ڪڍيو هو.

بقايا 03 ***

خوراڪ پروگرام (ڊبليو ايف پي) جي ڪوشش جي حمايت جو ورجاءُ ڪيو آهي ۽ ماءُ ۽ ٻار جي صحت، ماءُ جو کير پيارڻ، حفاظتي ٽڪا، ٻار جي واڌ ويجهه ۽ ٻارن ۾ غذائيت جي کوٽ ختم ڪرڻ لاءِ مربوط حڪمتِ عملي اختيار ڪرڻ تي زور ڏنو آهي. ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب، خاتون اول اها ڳالهه ڊبليو ايف پي پاڪستان جي نمائنده ۽ ڪنٽري ڊائريڪٽر انيتا هرش جي اڳواڻي ۾ آيل وفد سان ملاقات دوران ڪئي. ملاقات ۾ سينيٽر شيري رحمان، سنڌ جو وزير تعليم سيد سردار علي شاهه، ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب ۽ پرڏيهي وزارت جو ڊائريڪٽر جنرل عرفان سومرو پڻ شريڪ هئا. خاتون اول کي ڊبليو ايف پي پاران غذائيت، غذائي تحفظ، اسڪولن ۾ کاڌي جي فراهمي ۽ موسمياتي لچڪ جي شعبن ۾ جاري ڪم، خاص طور تي بينظير نشونما پروگرام تحت سهڪار بابت بريفنگ ڏني وئي. وفد ٻڌايو ته بينظير نشونما پروگرام جي شروعات کان وٺي هن وقت تائين سڄي ملڪ ۾ 30 لک کان وڌيڪ عورتن ۽ ٻارن کي فائدو رسيو آهي. جن ۾ سنڌ جا ۽ سماجي همت کي فروغ ڏيڻ ضروري آهي. هن سنڌ جي ان پروگرام کي اجاگر ڪيو جنهن تحت لڳ ڀڳ 21 لک ٻوڏ کان محفوظ گهر ٺاهيا پيا وڃن. جڏهن ته مستحق خاندانن جي عورتن کي انهن گهرن جي ملڪيت ڏني پئي وڃي. هن ان قدم کي اڳتي وڌائڻ ۾ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي اڳواڻي جو به ذڪر ڪيو. ڊبليو ايف پي وفد خاتون اول کي اڳواٽ قدم، آفتن جي خطري لاءِ مالياتي انتظامن، اڳواٽ خبردار نظام، موسمياتي تبديلي سان هم آهنگ زراعت ۽ قدرتي آفتن کان روزگار ۽ مالي تحفظ جي قدمن کان آگاهه ڪيو. وفد ٻڌايو ته ڊبليو ايف پي جي پروگرامن ۾ ڪچن گارڊننگ، مقامي سطح تي غذائي تحفظ ۽ ٻوڏ متاثر علائقن ۾ عورتن جي اڳواڻي ۾ روزگار جي موقعن جي مدد پڻ شامل آهي. خاتون اول پاڪستان ۾ بک جي خاتمي جي مقصد لاءِ ڊبليو ايف پي جي ڪوشش جي ڀرپور حمايت جو ورجاءُ ڪيو ۽ وفد کي يقين ڏياريو ته هو سڄي ملڪ ۾ غذائيت ۽ غذائي تحفظ بابت آگاهي ۽ حمايت جي سرگرمين لاءِ پنهنجو آواز بلند ڪندي. هن ڊبليو ايف پي جي ”شيئر دي ميل“ مهم لاءِ پنهنجي مسلسل حمايت جو پڻ اظهار ڪيو. هن حڪومت، گڏيل قومن ۽ ترقياتي ڀائيوارن جي وچ ۾ مسلسل سهڪار جي اهميت تي زور ڏنو ته جيئن پاڪستان جي سڀ کان وڌيڪ ڪمزور عورتن ۽ ٻارن کي مناسب غذائيت، صحت جي سهولتن ۽ تعليم تائين رسائي يقيني بڻائي سگهجي.

بقايا 04 ***

اٺين ڪانفرنس (CPC) جي افتتاحي تقريب ۾ شرڪت ڪئي. افتتاحي تقريب ڪيپ ٽائون انٽرنيشنل ڪنوينشن سينٽر ۾ منعقد ٿي. 69هين ڪامن ويلٿ پارلياماني ڪانفرنس جو گڏيل اهتمام پارليامينٽ آف دي ريپبلڪ آف سائوٿ آفريڪا ۽ ڪامن ويلٿ پارلياماني ايسوسيئيشن (CPA) جي سائوٿ آفريڪا برانچ پاران ڪيو پيو وڃي. ڪانفرنس 13 کان 19 سيپٽمبر 2026ع تائين جاري رهندي. ڪانفرنس جو موضوع ”بدلجندڙ عالمي نظام ۾ بين الاقوامي قانون ۽ پارلياماني جمهوريت جي مضبوط ڪرڻ“ آهي. ڪامن ويلٿ جي قيادت آهي. افتتاحي تقريب سومر 14 سيپٽمبر تي ڪيپ ٽائون انٽرنيشنل ڪنوينشن سينٽر ۾ ٿي، جنهن ۾ ڪامن ويلٿ جي مختلف ملڪن مان اسپيڪرن، پريزائيڊنگ آفيسرن، پارليامينٽ جي ميمبرن ۽ پارلياماني عملدارن شرڪت ڪئي. سي پي اي جي صدر ۽ ڏکڻ آفريڪا جي نيشنل ڪائونسل آف پروونسز جي چيئرپرسن ريفلوئي مشنوئي-تسيپائي شرڪت ڪندڙن کي ڀليڪار ڪيو. جڏهن ته ڏکڻ آفريڪا جي نيشنل اسيمبلي جي اسپيڪر ٿوڪوزائل ڊيڊيزا، ايم پي پي. مختلف ملڪن مان آيل پارلياماني وفدن جو آجيان ڪيو. ڏکڻ آفريڪا جي پلاننگ، مانيٽرنگ اينڊ ايويليوشن واري وزير مارووييني راموڪگوپا ڏکڻ آفريڪا جي صدر جي نمائندگي ڪندي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪيو. 69هين ڪامن ويلٿ پارلياماني ڪانفرنس ڪامن ويلٿ جي پارلياماني ادارن جي نمائندن کي جمهوري ادارن کي پيش ايندڙ چئلينجن تي غور ويچار، پارلياماني تجربن ۽ بهترين طريقيڪار جي ڏي وٺ، جڏهن ته جمهوريت، بين الاقوامي قانون، بهتر حڪمراني، انساني حقن، موسمياتي تبديلي ۽ ٽيڪنالاجي جي ڪردار جهڙن موضوعن تي خيالن جي ڏي وٺ لاءِ اهم پليٽ فارم فراهم ڪري رهي آهي. ڪانفرنس جي پروگرام ۾ 42هين سي پي اي اسمال برانچز ڪانفرنس، 10هين ڪامن ويلٿ وومين پارليامينٽيرينز ڪانفرنس، سي پي اي جنرل اسيمبلي، سي پي اي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جا اجلاس ۽ مختلف خاص پارلياماني ورڪشاپس پڻ شامل آهن. سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه ڪانفرنس ۾ سنڌ اسيمبلي جي وفد جي اڳواڻي ڪري رهيو آهي. وفد ۾ تنزيلا ام حبيبا، چام شبير علي خان، خرم ڪريم سومرو، عادل الطاف انڙ، مهيش ڪمار، سيد اعجاز حسين ۽ محمد يوسف بلوچ شامل آهن. جڏهن ته سنڌ اسيمبلي جو سيڪريٽري جي ايم عمر فاروق ۽ ڊائريڪٽر جنرل ميڊيا عرفان احمد ميمڻ پڻ وفد سان گڏ آهن. سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر ۽ وفد جي 69هين ڪامن ويلٿ پارلياماني ڪانفرنس ۾ شرڪت ۽ سهڪار ۽ پارلياماني سفارتڪاري، جمهوري قدرن، قانونسازي ۽ ڪامن ويلٿ جي مختلف پارليامينٽس سان بهترين پارلياماني طريقن ۽ تجربن جي ڏي وٺ لاءِ سنڌ اسيمبلي جي عزم جي عڪاسي ڪري ٿي. 69هين ڪامن ويلٿ پارلياماني ڪانفرنس 19 سيپٽمبر تائين ڪيپ ٽائون ۾ جاري رهندي، جنهن دوران مختلف اجلاس، ورڪشاپس، علائقائي اجلاس، سي پي اي جنرل اسيمبلي ۽ ٻيون پارلياماني سرگرميون منعقد ٿينديون.

بقايا 05 ***

چيف زبير ڇاپا، سينئر نائب صدر زاهد حميد ۽ سيد طلحه علي، اڳوڻا صدر شيخ عمر ريحان، مسعود نقي، سيد فرخ اظهر جنيد نقي، احتشام الدين سميت ڪاٽي جا ٻيا عهديدار پڻ موجود هئا. ڪاٽي جي صدر اڪرم راجپوت آءِ جي سنڌ جي ڪاٽي آمد تي ٿورا مڃيندي چيو ته سندس آمد واپاري برادري ۽ پوليس وچ ۾ مضبوط رابطي جي عڪاسي آهي. هن چيو ته ڪرائم مانيٽرنگ اينڊ ٽاسڪ فورس سيل جو قيام پوليس ۽ صنعتي ۽ واپاري برادري جي باهمي تعاون سان ڏوهن جي خاتمي ڏانهن هڪ اهم قدم آهي. اڪرم راجپوت چيو ته واپاري برادري جي مسئلن جي حل ۽ صنعتي علائقن ۾ سيڪيورٽي جي بهتري لاءِ آءِ جي سنڌ جون ڪوششون ساراهڻ جوڳيون آهن. پوليس ۽ واپاري برادري جي گڏيل سهڪار سان ڏوهن جي روڪٿام ۽ ڪاروباري سرگرمين لاءِ محفوظ ماحول کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي ٿو ان موقعي تي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو چيو ته واپاري برادري جو تحفظ ۽ صنعتي علائقن ۾ امن ۽ امان جو قيام سنڌ پوليس جي پهرين ترجيحن ۾ شامل آهي. پوليس ۽ واپاري برادري وچ ۾ اثرائتو رابطو ڏوهن جي روڪٿام ۽ شهرين جي تحفظ ۾ مددگار ثابت ٿيندو. هن چيو ته صنعتي ۽ واپاري سرگرمين لاءِ محفوظ ماحول جي فراهمي هر ممڪن طور يقيني بڻائي ويندي، جڏهن ته ڏوهن جي نشاندهي، نگراني ۽ وقتائتي ڪارروائي لاءِ جديد طريقيڪار کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو پيو وڃي. آءِ جي سنڌ چيو ته سنڌ پوليس جي آفيسرن ۽ جوانن جي قربانين جي ڪري اڄ شهر ۾ امن ۽ امان جي صورتحال ۾ بهتري آئي آهي، ۽ پوليس ڏوهن جي خاتمي ۽ شهرين جي جاني ۽ مالي تحفظ لاءِ پنهنجون ذميواريون پوريون ڪري رهي آهي.

بقايا 06 ***

آهي.“ ياد رهي ته يمن جي عالمي سطح تي تسليم ٿيل حڪومت لاءِ فوجي اتحاد جي ترجمان ميجر جنرل ترڪي المالڪي پنهنجي هڪ بيان ۾ دعويٰ ڪئي آهي ته سعودي عرب جي فضائي دفاعي فوج يمني حوثين طرفان فائر ڪيل ڊرون کي مڪي جي هوائي حدن ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ روڪي تباهه ڪري ڇڏيو. ٻئي پاسي برطانوي خبررسان اداري رائٽرز موجب، حوثين جي هڪ عهديدار محمد الفرح مڪي کي نشانو بڻائڻ واري دعويٰ جي ترديد ڪندي ان الزام کي ”کليل ڪوڙ“ قرار ڏنو آهي. مولانا فضل الرحمان جي بيان موجب، جيڪڏهن اهڙو ڪو حملو ٿئي ٿو ته حملي آورن کي عالم اسلام جي سخت ردعمل جو سامهون ڪرڻو پوندو. هن وڌيڪ چيو ته ”امت مسلمه مڪي شريف ۽ سعودي عرب جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ متحد ٿي جواب ڏيندي.“ بيان ۾ مسلم ملڪن، خاص طور پاڪستان کان مطالبو ڪيو ويو ته هو هن نازڪ صورتحال ۾ سعودي عرب ۽ حرم مڪي جي تحفظ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن.

بقايا 07 ***

کان پوءِ سمورن فيڊرز کي بند ڪرڻ جي ضرورت پيش نه ايندي جن سان لاڳو ٽرانسفارمر تي بجلي چوري ٿيندي صرف انهي کي بند ڪيو ويندو هن تفصيل ٻڌائيندي چيو ته نئين نظام جو ريگيوليٽري فريم ورڪ ايندڙ سال اپريل يا مئي تائين ڏنو ويندو. ايس لغاري واضح ڪيو ته ملڪ ۾ بجلي جي ڪا به اضافي لوڊ شيڊنگ نه پئي ڪئي وڃي بلڪ نيٽ ميٽرنگ سسٽم ۾ تبديلي جي ڪري سولر ماڻهن ۽ بيٽريون لڳائڻ شروع ڪري ڇڏيون آهن. واضح رهي ته پاڪستان ۾ بجلي چوري ۽ بجلي جي ورهاست جي نظام ۾ نقصان تي ڪنٽرول ڪرڻ حڪومت ۽ بجلي جي ورهاست ڪندڙ ڪمپنين جي لاءِ هميشه کان وڏو چيلينج رهيو آهي. بجلي چوري جي روڪٿام لاءِ مختلف علائقن ۾ فيڊرز جي بجلي بند ڪرڻ جو طريقو به استعمال ڪيو ويندو رهيو آهي. جنهن سبب بجلي چوري نه ڪندڙ صارفين به متاثر ٿيندا آهن پر حڪومت هاڻ بجلي چوري وارو ٽرانسفارمر کي ڌار سان بند ڪرڻ جو نظام متعارف ڪرايو آهي جنهن جي بدولت فيڊرز تي بجلي بند ڪرڻ جي ضرورت نه رهندي.

بقايا 08 ***

چڙهيو آهي. ان حوالي سان پاڪستان ايئرپورٽ اٿارٽي جي هڪ نئون نوٽم جاري ڪيو آهي. نوٽام موجب، پاڪستان 23 آڪٽوبر 2026ع تائين ڀارتي رجسٽريشن وارن جهازن لاءِ پنهنجي فضائي حدون بند رکڻ جو فيصلو ڪيو آهي. نوٽام ۾ چيو ويو آهي ته ڀارتي رجسٽريشن وارن سمورن فوجي ۽ تجارتي جهازن تي پاڪستاني فضائي حدون استعمال ڪرڻ جي پابندي آهي. قابل ذڪر آهي ته پاڪستان 23 اپريل 2025ع کان وٺي ڀارت لاءِ پنهنجي فضائي حدون بند ڪيون هيون.

بقايا 09 ***

شهرين لاءِ ڪجهه راحت جي اڳڪٿي ڪندي چيو آهي ته اڄ شام کان ساموندي هوائون بحال ٿيڻ جو امڪان آهي موسميات کاتي موجب عربي سمنڊ ۾ موجود گهٽ دٻاءُ واري علائقي جي شدت وڌي گهٽجي وئي آهي، جنهن سبب ساموندي هوائن جي بحالي لاءِ حالتون سازگار ٿي رهيون آهن. موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته ساموندي هوائون بحال ٿيڻ باوجود ڪراچي ۾ موسم گرم ۽ مرطوب رهڻ جو امڪان آهي. شهرين کي گرمي ۽ حبس کان فوري مڪمل ڇوٽڪارو ملڻ جو امڪان ناهي. موسميات کاتي ملڪ ۾ ايندڙ سياري بابت به اڳڪٿي جاري ڪندي چيو آهي ته اتر ۽ اترين علائقن ۾ ٿڌ شروع ٿي رهي آهي، جڏهن ته ڪجهه علائقن ۾ موسمي تبديليءَ جي ڪري سياري دوران ٿڌ برسات ۾ معمول کان وڌيڪ رهڻ جو امڪان آهي، جنهن سبب اتر ۽ مٿانهين علائقن ۾ سياري جي موسم جي شدت ۽ مدو معمول کان مختلف ٿي سگهي ٿو.

بقايا 10 ***

ته سبسڊي ٿيل رقم جي ادائيگي جي طريقي جي وضاحت تائين ڊيلرز فيول اسڪيم جو حصو نه بڻجندا. جيڪڏهن زبردستي ڪئي وئي ته پيٽرول پمپ اسٽيشنون بند ڪري ڇڏينداسين. ايسوسيئيشن جي چيئرمين ملڪ خدا بخش عهديدارن ۽ ڊيلرز سان گڏ ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي وفاقي حڪومت جي فيول سبسڊي جي پروگرام تي خدشن جو اظهار ڪري چڪو آهي. ملڪ خدا بخش ڪمال چيو ته سبسڊي ٿيل رقم جي ادائيگي جي طريقي جي وضاحت تائين ڊيلرز انهي اسڪيم جو حصو نه بڻجندا. زبردستي ڪئي وئي ته فيول اسٽيشنون بند ڪري ڇڏينداسين. حڪومت ڊيلرز سان مشاورت کان سواءِ فيول رليف اسڪيم واضح ڪري ورتي آهي. رليف اسڪيم جي آجيان ڪريون ٿا پر ان تي خدشا آهن عوام کي سڌو سنئون ۽ آسان طريقي سان رليف ڏنو وڃي. چيئرمين ملڪ خدا بخش چيو ته فيول رليف جو قدم تعريف جوڳو آهي پر اسان کي انهي اسڪيم جي طريقي تي اعتراض آهي. سبسڊي ٿيل رقم جي ادائيگي ڪير ڪندو اڃان تائين حڪومت انهي جي باري ۾ ڪجهه به ظاهر ناهي ڪيو ڊيلرز کي ٻڌايو ويو ته سبسڊي جي رقم ادا ڪندو. هن مطالبو ڪيو ته فيول رليف جي رقم سڌو سنئون صارفين کي ادا ڪئي وڃي. فيول سبسڊي جي لاءِ گڏريل مڪينزم کي استعمال ڪيو وڃي. فيول رليف اسڪيم جي حق ۾ آهيون پر طريقيڪار تي اعتراض آهي، اعتراض ختم ٿيڻ تائين عملدرآمد نه ٿيندو. ملڪ خدا بخش مطالبو ڪيو ته پيٽروليم شين جون قيمتون مهيني ۾ هڪ ڀيرو مقرر ڪيون وڃن. حڪومت رليف اسڪيم جي باري ۾ پيٽروليم ڊيلرز ايسوسيئيشن سان مشاورت ڪري. پيٽروليم ڊيلرز جو مارجن 8 سيڪڙو ڪيو وڃي. هن ڏورايو ڏنو ته حڪومت سان ٽن ڏينهن کان رابطو ڪري رهيا آهيون پر ڪو جواب ناهي مليو. هن چيو ته بحيره احمر کان پيٽروليم شين پاڪستان ۾ اچڻ تي اضافي لاڳت کي منهن ڏيڻو پيو آهي رستي کان سعودي تيل اچڻ جو وقت 23 ڏينهن کان ٿي ويو جڏهن ته آبنائي هرمز جي رستي پيٽرول عرب ملڪ کان هڪ هفتي ۾ پاڪستان پهچي رهيو هو. اسمارٽ لاڪ ڊائون بابت ملڪ خدا بخش چيو ته اسمارٽ لاڪ ڊائون برداشت نه ٿا ڪري سگهون انهي سان ڪاروباري سرگرميون سخت متاثر ٿينديون. ڪرونا وبا ۾ عمل ٿي سگهيو ٿي پر پيٽروليم شين جي قيمتن جي بحران جو حل اسمارٽ لاڪ ڊائون نه آهي.

بقايا 11 ***

ڪيل 36 نوادرات پاڪستاني حڪومت حوالي ڪيون ويون آهن، جيڪي هاڻي پاڪستان آنديون وينديون. نيويارڪ ڊسٽرڪٽ اٽارني آفيس ۾ ان حوالي سان هڪ تقريب منعقد ٿي، جنهن ۾ نيويارڪ ۾ پاڪستان جي قونصل جنرل عامر احمد اتوزئي لاڳاپيل معاهدي تي صحيحون ڪيون. واپس ڪيل نوادرات مان هڪ گڏيءَ جو ڪري بڻ به آهي. جيڪو چوئين صدي عيسوي سان تعلق رکي ٿو جڏهن ته باقي 35 مٽيءَ مان ٺهيل زرخيزيءَ جا مجسما (Terracotta Fertility Figures) آهن. جيڪي 2700 کان 3000 قبل مسيح واري دور سان تعلق رکن ٿا. قونصل جنرل عامر احمد اتوزئي چيو ته چوري ٿيل نوادرات جي قانوني طريقي سان واپسي مستقبل جي نسلن کي پنهنجي تهذيب ۽ ثقافتي ورثي بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪندي.

بقايا 12 ***

بين جي وڪيلن موقف اختيار ڪيو ته لانگ مارچ کان اڳ ٻيهر گرفتاريون ۽ ڇاپا شروع ڪيا ويا آهن. جڏهن ته ڪارڪنن جي گهرن تي ڇاپن دوران سامان ۾ رقم کڻڻ جو الزام پڻ لڳايا ويا. وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته عورتن، ٻارن ۽ نياڻين کي به مبينا طور گهرن مان کنيو وڃي ٿو ۽ هو فلڪ ناما ۽ سي ٽي ڊي کي فوٽيج پيش ڪرڻ لاءِ تيار آهن. عدالت اسلام آباد جي آءِ جي ايس ايس پي آپريشنز کي ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪندي شعيب شاهين، ملڪ عامر علي ۽ ٻين پي ٽي آءِ اڳواڻن کي هراسان ۽ گرفتار ڪرڻ کان روڪڻ جو حڪم ڏيندي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 13 ***

مينٽ گرلز زبيده ڪاليج جي اڳوڻين شاگردياڻين، تعليمي ماهرن ۽ اڳوڻين پرنسپالن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ايسوسيئيشن جي قيام، مقصدن، تنظيم ۽ مستقبل جي حڪمت عملي بابت تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو. اجلاس جي شروعات پروفيسر راحيلا ميمڻ پاران تلاوت قرآن پاڪ سان ٿي. جڏهن ته اجلاس جي ڪارروائي پروفيسر مهتاب تنصير هلائي. اجلاس جي صدارت زبيدين ايلومني ايسوسيئيشن جي صدر مهتاب اڪبر راشدي ڪئي. گورنمينٽ گرلز زبيده ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر ياسمين پنهوار شرڪت ڪندڙن کي ڀليڪار ڪندي چيو ته ڪاليج جي ترقي، تعليمي سرگرمين جي واڌاري ۽ تاريخي ورثي جي تحفظ لاءِ هڪ مضبوط ۽ فعال ايلومني نيٽ ورڪ جو قيام انتهائي ضروري آهي. ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ميمبرن ۾ مهتاب اڪبر راشدي، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، انيسه ميمڻ، فرحين مغل، ايڊووڪيٽ رفيعه بنگش، شاهده ابڙو ۽ پروفيسر فرح ناز صديقي شامل هيون. جن کي گلدستا ۽ سنڌي روايتي سوکڙيون پيش ڪيون ويون. پروفيسر ڊاڪٽر حسين مسرت ايسوسيئيشن جي قيام، مقصد ۽ تجويز ڪيل انتظامي ڍانچي بابت ابتدائي بريفنگ ڏني. ميمبرن ايلومني نيٽ ورڪ کي وڌيڪ منظم ۽ فعال بڻائڻ سان گڏ ڪاليج جي ترقي ۾ سهڪار ۽ پروفيسر ياسمين پنهوار ڪاليج جي موجوده صورتحال بابت گورنمينٽ گرلز زبيده ڪاليج جي ترقي ضرورتن، جاري منصوبن، اهم مسئلن ۽ اداري کي درپيش رڪاوٽن تي روشني وڌي. ڪاليج جي اڳوڻي پرنسپال پروفيسر فرح ناز صديقي ڪاليج سان لاڳاپيل اهم انتظامي معاملن بابت پنهنجا ويچار پيش ڪيا. کليل بحث دوران ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، انيسه ميمڻ ۽ فرحين مغل ڪاليج جي مستقبل جي ترقي ۽ ايلومني ايسوسيئيشن جي مؤثر ڪارڪردگي بابت اهم تجويزون پيش ڪيون. اجلاس کي خطاب ڪندي زبيدين ايلومني ايسوسيئيشن جي صدر مهتاب اڪبر راشدي ميمبرن جي شرڪت ۽ عزم کي ساراهيندي ايسوسيئيشن جي اهم ترجيحن تي روشني وڌي. انهن ترجيحن ۾ اڳوڻين شاگردياڻين جي رجسٽريشن ۽ رڪارڊ جي تياري، باقاعده حلف برداري تقريب جو انعقاد، اهم عملدارن ۽ عوامي شخصيتن کي ايسوسيئيشن جي سرگرمين ۾ شامل ڪرڻ، ڪاليج جي سرگرمين کي ميڊيا ذريعي اجاگر ڪرڻ، ترقياتي منصوبا تيار ڪرڻ ۽ اهم مسئلن جي حل لاءِ گڏيل ڪوششون ڪرڻ شامل آهن. هن خاص طور تي ڪاليج هاسٽل جي بحالي ۽ ان جي تحفظ تي زور ڏيندي چيو ته مناسب رهائشي سهولتون فراهم ڪرڻ سان، خاص طور تي حيدرآباد کان ٻاهر ايندڙ نياڻين لاءِ اعليٰ تعليم جا موقعا وڌائي سگهجن ٿا. جديد لائبريري جي ضرورت [illegible]

بقايا 14 ***

ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي خط ۾ چيو ويو آهي ته وزيراعظم جي نوٽيس باوجود ڪراچي ۾ بجلي جو بحران ختم نه ٿيو آهي ۽ مختلف علائقن ۾ 11،11 ڪلاڪن جي لوڊشيڊنگ جاري آهي. جڏهن ته ڪجهه علائقن ۾ 3 ڏينهن کان بجلي بند آهي. عامر صديقي چيو ته باقاعدگي سان بجلي جا بل ادا ڪندڙ صارف به ڊگهي لوڊشيڊنگ سبب سخت مشڪلات جو شڪار آهن. هن شڪايت داخل ڪرائيندي مطالبو ڪيو ته 11 ڪلاڪن جي لوڊشيڊنگ ۽ ڪيترن ڏينهن کان جاري بجلي جي بندش جو فوري نوٽيس وٺي ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 15 ***

پوليس موجب موٽرسائيڪل سوار ٻن شڪي ماڻهن کي روڪي تلاشي وٺڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته هنن فرار ٿيندي پوليس اهلڪارن تي فائرنگ ڪئي. بلٽ پروف جيڪٽن سبب اهلڪار محفوظ رهيا، جڏهن ته جوابي فائرنگ ۾ هڪ جوابدار سخت زخمي ٿي پيو ۽ اسپتال منتقل ڪندي رستي ۾ فوت ٿي ويو. پوليس موجب مارجي ويل جوابدار جي سڃاڻپ معراج عرف ميري طور ٿي، جنهن وٽان هٿيار ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. پوليس اختيارين موجب معراج جو ڀاءُ مير بلاچ به 2024ع ۾ ناظم آباد ۾ پوليس مقابلي دوران مارجي ويو هو جڏهن ته سندس والد ابراهيم قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڇاپي دوران عمارت تان ڪري فوت ٿيو هو.

بقايا 16 ***

۾ هڙتال جي به ڌمڪي ڏني هئي آهي. صدر آل پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ اتحاد ملڪ شهزاد اعوان وفاقي حڪومت طرفان پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ اضافي تي سخت رد عمل ڏيندي چيو ته ڊيزل ۽ پيٽرول جي قيمت ۾ اضافو قبول نه ڪيو ته پاڪستان ۾ گڊز ٽرانسپورٽ جا ڀاڙا وڌائيندا. ملڪ شهزاد اعوان چيو ته وفاقي حڪومت جي غلط پاليسين سبب اڄ ٽرانسپورٽرز بيروزگار ٿي رهيا آهن. وفاقي حڪومت طرفان پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ روزاني جي بنياد تي تبديلي جو فيصلو قبول ڪونه ڪنداسين. جڏهن ته اهو فيصلو فوري واپس ورتو وڃي. هن چيو ته اسان جي آگسٽ جي هڙتال ۾ پيٽروليم واري وزير پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ تبديلي نه ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو. جڏهن ته وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي غلط فيصلن سبب ڊسمبر ۾ آگسٽ ۾ سموري ملڪ ۾ هڙتال ڪئي هئي ۽ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي يقين ڏيارڻ تي اسان آگسٽ جي هڙتال 40 ڏينهن جي لاءِ ملتوي ڪئي هئي. ملڪ شهزاد اعوان واضح ڪيو ته ٽرانسپورٽ لاءِ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن اسان سان ڪيل معاهدن تي عمل نه ڪيو ته سموري پاڪستان جا ٽرانسپورٽرز ٻيهر ملڪ گير هڙتال تي هوندا. وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن 40 ڏينهن جو وقت گهريو هو اهو ايندڙ هفتي ختم ٿي رهيو آهي. صدر آل پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ اتحاد مطالبو ڪيو ته وفاقي حڪومت ۽ صوبائي حڪومتون گڊز ٽرانسپورٽرز کي رليف فراهم ڪن. ڊسمبر ۾ آگسٽ جي ملڪ گير هڙتال جي دوران وفاقي، صوبائي حڪومتن جيڪي اسان سان واعدا ڪيا هئا انهن تي عمل ڪيو وڃي. جيڪڏهن پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ اضافو حڪومت جي مجبوري آهي ته ود هولڊنگ ٽيڪس ۽ ٽول ٽيڪس سميت ٻين سمورن ٽيڪسز ۾ ٽرانسپورٽرز کي رليف ڏنو وڃي.

بقايا 17 ***

مسئلن کان آگاهه ڪيو صوبائي وزير وفدن جي مسئلن ۽ خدشن کي تفصيل سان ٻڌو ۽ انهن جي فوري حل لاءِ موقعي تي لاڳاپيل آفيسرن کي ضروري هدايتون جاري ڪيون. جام اڪرام الله ڌاريجو آفيسرن کي هدايت ڪئي ته عوامي مسئلن جي حل ڪرڻ ۾ ڪنهن به غيرضروري دير کان پاسو ڪن ۽ لاڳاپيل مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪندي ڀروقت پيش رفت کي يقيني بڻائين. دورو ڪندڙ وفدن صوبائي وزير پاران پنهنجن مسئلن تي ڪيل فوري ڌيان ۽ عملي قدمن جي تعريف ڪئي ۽ سندس شڪريو ادا ڪيو. وفدن صوبائي وزير جي تحرڪ ۽ عوامي مسئلن جي حل ڪرڻ ۾ صوبائي وزير جو ڀروقت تعاون ۽ اثرائتو ڪردار ساراهه جوڳو آهي.

بقايا 18 ***

ٿيو جنهن ۾ يلولائن بي آر ٽي منصوبي جي مختلف حصن تي جاري تعميراتي ڪم جي رفتار، پيش رفت جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن، ايم ڊي سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي (ايس ايم ٽي اي) بهزاد ميمڻ، ورلڊ بئنڪ جي نمائندن، صلاحڪارن ۽ لاڳاپيل اختيارين شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ يلو لائن بي آر ٽي منصوبي جي تعميراتي ڪم جي رفتار کي وڌيڪ وڌائڻ جي هدايت ڪئي ۽ چيو ته منصوبي جي مڪمل ٿيڻ لاءِ سڀني موجود وسيلن کي استعمال ۾ آندو وڃي. هن يلولائن تي ٿيندڙ ڊيپو ۽ ٻين لاڳاپيل ڪمن جي تعمير کي تيز ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي ۽ چيو ته منصوبي جي سڀني انفراسٽرڪچر جي تعمير کي وقت تي مڪمل ڪرڻ تمام ضروري آهي. جنهن ۾ ڊيپو ۽ شامل آهن. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته يلولائن بي آر ٽي ڪراچي جي شهرين لاءِ هڪ اهم ماس ٽرانزٽ منصوبو آهي. جنهن جو مقصد شهر جي هڪ وڏي حصي جو جلد مڪمل ڪرڻ جو به حڪم ڏنو سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ منصوبي جي ڪم ڪندڙ ٽيم جي صلاحيتن کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ جي هدايت ڪئي ۽ چيو ته سڀني لاڳاپيل ادارن، صلاحڪارن ۽ ماهرن جي وچ ۾ مؤثر رابطي ۽ هم آهنگي کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن تعميراتي ڪم کي مقرر رفتار سان اڳتي وڌائي سگهجي. شرجيل انعام ميمڻ يلولائن بي آر ٽي منصوبي جي ترقي کي روزاني بنيادن تي نگراني ڪرڻ ۽ روزاني پيش رفت رپورٽ پيش ڪرڻ جي به هدايت ڪئي.

بقايا 19 ***

گهري ڏک ۽ صدمي مان گذري رهي آهي. ان کي بيان ڪرڻ لاءِ لفظ ناڪافي آهن وزيراعظم چيو ته سعودي هٿيارٻند فوج بهادري سان فوري طور تي ڪارروائي ڪئي. سمورين ڌرين صبر جو مظاهرو ۽ ڇڪتاڻ وڌائڻ کان پاسو ڪن. خطو اڳ ئي تڪرارن سبب تمام گهڻو متاثر ٿي چڪو آهي اسان کي وڌيڪ ڇڪتاڻ کان بچڻ پوندو هن سعودي عرب جي هٿيارٻند فوج جي بهادري ۽ پيشوراڻي مهارت کي خراج تحسين پيش ڪيو وزيراعظم وڌيڪ چيو ته پاڪستان پنهنجي ڀائر ملڪ سعودي عرب جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جي دفاع سان گڏوگڏ حرمين شريفين جي تحفظ ۽ تقدس جي معاملي تي غير متزلزل طور تي ڪلهو ڪلهي سان ملائي بيٺل آهي. هي اهڙو فرض آهي جنهن کي هر پاڪستاني پنهنجي دل جي تمام ويجهو سمجهندو آهي. سعودي عرب جو چوڻ آهي ته هن اسلام جي مقدس ترين شهر مڪي شريف پرسان هڪ حوثي ڊرون ڪيرائي ڇڏيو جنهن کان پوءِ ايران جي حمايت يافته يمن جي باغي گروپ خلاف علائقائي سطح تي تيز ردعمل ۽ مذمت جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي. سعودي قيادت ۾ قائم اتحادي فوجن جي ترجمان ترڪي المالڪي حوثين تي سعودي عرب کي نشانو بڻائڻ جو الزام لڳائيندي چيو ته تقريبن هڪ ڏهاڪي کان پوءِ اهو پهريون ڀيرو آهي. جڏهن حوثين مڪي شريف کي هدف بڻايو آهي. سي اين اين جي رپورٽ موجب حوثين ان دعويٰ کي سختي سان رد ڪري ڇڏيو حوثي شيعه اسلام جي شاخ سان تعلق رکن ٿا ۽ اهي پڻ مڪي شريف کي مقدس شهر سمجهن ٿا. حوثين جي فوجي ترجمان يحيٰ سري اربع تي چيو ته انهن جا هدف سعودي تيل جون تنصيبات ۽ فوجي اڏا هئا. جيڪي ”مقدس هنڌن کان تمام گهڻو پري“ آهن. سري چيو ته ”مڪي کي نشانو بڻائڻ بابت ڏوهاري سعودي حڪومت طرفان پکيڙيل ڪوڙيون ڳالهيون ۽ ڪوڙا الزام ڪنهن کي به دوکو نٿا ڏئي سگهن.“ هن وڌيڪ چيو ته ”يمن طرفان مقدس هنڌن کي ڪنهن به قسم جو خطرو ناهي.“ سعودي عرب چيو ته هن ڊرون کي مڪي شريف جي محدود فضائي حدن ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ئي روڪي تباهه ڪري ڇڏيو. پر اهو واضح نه ڪيو ته ڊرون شهر کان ڪيترو پري هو. يمن ۾ حوثين جي تازن هفتن دوران تيزيءَ سان اڳتي وڌڻ ۽ پاڙيسري سعودي عرب تي حملن خليجي عرب ملڪ لاءِ صورتحال کي وڌيڪ ڏکيو بڻائي ڇڏيو آهي. آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جنگ جاري رهڻ سبب سعودي عرب کي خدشو آهي ته هو ڪنهن وڏي علائقائي تڪرار ۾ ڇڪجي سگهي ٿو مڪو نبي ڪريم حضرت محمد ﷺ جي ولادت جو شهر آهي. دنيا جي سمورن مسلمانن لاءِ، جيڪڏهن هو استطاعت رکن، زندگي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو هن مقدس شهر جو حج ڪرڻ ضروري آهي. جڏهن ته هر سال لکين مسلمان حج لاءِ مڪي شريف جو سفر ڪن ٿا. المالڪي ايڪس تي پنهنجي پوسٽ ۾ چيو ته ”هي دشمني وارو قدم پڻ انتهاپسند دهشتگرد حوثي مليشيا جي خلاف ورزين جي رڪارڊ تي هڪ ڪارو داغ رهندو، ڇاڪاڻ ته [illegible]“ حوثين موجب، انهن جي جواب ۾ سعودي فوجن گذريل چنڇر ۽ آچر ڏينهن يمن جي حوثين جي قبضي هيٺ علائقن ۾ هوائي حملا ڪيا. حوثين تازو يمن جي سعودي حمايت يافته حڪومت خلاف پنهنجي جنگ تيز ڪري ڇڏي آهي ۽ پنهنجي قبضي هيٺ علائقو پڻ وڌايو آهي. گذريل هفتي حوثين يمن ۾ ڳاڙهي سمنڊ جي هڪ بندرگاهه واري شهر ۽ هڪ اهم ساموندي رستي پرسان واقع بيت تي قبضو ڪيو. اهو ساموندي رستو ڪيترن ئي مهينن کان آبنائي هرمز جي متبادل طور ڪم ڪري رهيو آهي ۽ سعودي تيل ۽ صاف ڪيل تيل وارين شين جي برآمد لاءِ استعمال ٿي رهيو آهي. ڳاڙهي سمنڊ ۾ ساموندي آمدرفت تي حوثين جي وڌندڙ گرفت سبب خدشا وڌي ويا آهن ته خطي جي تيل جي برآمد جو ٻيو اهم رستو بند ٿي سگهي ٿو. آمريڪا ۽ ايران آبنائي هرمز تي ڪنٽرول لاءِ هڪ ٻئي سان وڙهي رهيا آهن. گذريل هفتي تيل جون قيمتون ٻيهر 100 ڊالر في بيرل کان مٿي ٿي ويون. ان جو سبب خليج ۾ ايراني تيل بردار جهازن خلاف آمريڪا جا وڌيڪ حملا ۽ يمن ۾ جاري ويڙهه ٻڌائي وئي. انهن واقعن کان پوءِ دنيا جي مختلف هنڌن تي احتجاج پڻ شروع ٿيا، جتي ماڻهو حڪومتن کان ڪارروائي ۽ معاشي رليف جو مطالبو ڪري رهيا آهن.

بقايا 20 ***

گهري ڏک ۽ صدمي مان گذري رهي آهي. ان کي بيان ڪرڻ لاءِ لفظ ناڪافي آهن وزيراعظم چيو ته سعودي هٿيارٻند فوج بهادري سان فوري طور تي ڪارروائي ڪئي. سمورين ڌرين صبر جو مظاهرو ۽ ڇڪتاڻ وڌائڻ کان پاسو ڪن. خطو اڳ ئي تڪرارن سبب تمام گهڻو متاثر ٿي چڪو آهي اسان کي وڌيڪ ڇڪتاڻ کان بچڻ پوندو هن سعودي عرب جي هٿيارٻند فوج جي بهادري ۽ پيشوراڻي مهارت کي خراج تحسين پيش ڪيو وزيراعظم وڌيڪ چيو ته پاڪستان پنهنجي ڀائر ملڪ سعودي عرب جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جي دفاع سان گڏوگڏ حرمين شريفين جي تحفظ ۽ [illegible]

مڪو نبي ڪريم حضرت محمد ﷺ جي ولادت جو شهر آهي. دنيا جي سمورن مسلمانن لاءِ، جيڪڏهن هو استطاعت رکن، زندگي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو هن مقدس شهر جو حج ڪرڻ ضروري آهي. جڏهن ته هر سال لکين مسلمان حج لاءِ مڪي شريف جو سفر ڪن ٿا. المالڪي ايڪس تي پنهنجي پوسٽ ۾ چيو ته ”هي دشمني وارو قدم پڻ انتهاپسند دهشتگرد حوثي مليشيا جي خلاف ورزين جي رڪارڊ تي هڪ ڪارو داغ رهندو، [illegible]“ ”هن حوثين خلاف ’ضروري ۽ روڪٿام وارا قدم‘ کڻڻ جو عزم پڻ ظاهر ڪيو. ’بزدلانو ۽ انتهائي مذموم‘ عمل اسلامي تعاون تنظيم (او آءِ سي) پڻ هن واقعي جي مذمت ڪئي. 57 ملڪن تي ٻڌل هي تنظيم دنيا جي تقريبن 1.5 ارب مسلمانن جي نمائندگي ڪري ٿي. تنظيم چيو ته اهڙا حملا ”مقدس هنڌن ۽ مسجدن جي تقدس جي پائمالي“ ڪن ٿا ۽ ”معصوم شهرين ۾ خوف پيدا ڪن ٿا.“ پاڪستان جي وزيراعظم، جنهن جي ملڪ تازو ئي سعودي عرب سان گڏيل دفاعي معاهدو ڪيو آهي، هن واقعي کي ”بزدلانو ۽ انتهائي مذموم“ عمل قرار ڏنو. جيتوڻيڪ شهباز شريف پنهنجي بيان ۾ حوثين جو نالو نه کنيو. پر هن سعودي عرب لاءِ پاڪستان جي حمايت جو ورجاءُ ڪيو [illegible] حوثين جي شروعات [illegible] سعودي عرب جي ڪيترن ئي هنڌن تي حملا ڪيا ويا، ڊانهن بيلسٽڪ ميزائيل ۽ ڊرون فائر ڪيا، جن جي نتيجي ۾ 13 شهري زخمي ٿيا. اڳ ڏينهن حوثين سعودي فوجي اڏي تي حملي جي ذميواري پڻ قبول ڪئي. حوثين موجب، انهن جي جواب ۾ سعودي فوجن گذريل چنڇر ۽ آچر ڏينهن يمن جي حوثين جي قبضي هيٺ علائقن ۾ هوائي حملا ڪيا. حوثين تازو يمن جي سعودي حمايت يافته حڪومت خلاف پنهنجي جنگ تيز ڪري ڇڏي آهي ۽ پنهنجي قبضي هيٺ علائقو پڻ وڌايو آهي. گذريل هفتي حوثين يمن ۾ ڳاڙهي سمنڊ جي هڪ بندرگاهه واري شهر ۽ هڪ اهم ساموندي رستي پرسان واقع بيت تي قبضو ڪيو. اهو ساموندي رستو ڪيترن ئي مهينن کان آبنائي هرمز جي متبادل طور ڪم ڪري رهيو آهي ۽ سعودي تيل ۽ صاف ڪيل تيل وارين شين جي برآمد لاءِ استعمال ٿي رهيو آهي. ڳاڙهي سمنڊ ۾ ساموندي آمدرفت تي حوثين جي وڌندڙ گرفت سبب خدشا وڌي ويا آهن ته خطي جي تيل جي برآمد جو ٻيو اهم رستو بند ٿي سگهي ٿو. آمريڪا ۽ ايران آبنائي هرمز تي ڪنٽرول لاءِ هڪ ٻئي سان وڙهي رهيا آهن. گذريل هفتي تيل جون قيمتون ٻيهر 100 ڊالر في بيرل کان مٿي ٿي ويون. ان جو سبب خليج ۾ ايراني تيل بردار جهازن خلاف آمريڪا جا وڌيڪ حملا ۽ يمن ۾ جاري ويڙهه ٻڌائي وئي. انهن واقعن کان پوءِ دنيا جي مختلف هنڌن تي احتجاج پڻ شروع ٿيا، جتي ماڻهو حڪومتن کان ڪارروائي ۽ معاشي رليف جو مطالبو ڪري رهيا آهن.

بقايا 21 ***

۽ سپلائي بند ڪري ڇڏي آهي جنهن سبب وڏن خريدارن متبادل ذريعن جي ڳولا شروع ڪري ڏني جڏهن ته يورپي مارڪيٽ ۾ برينٽ واري تيل جي قيمت 122 ڊالر في بيرل تائين پهچي وئي. خبرون ڏيندڙ ايجنسي رائٽرز موجب واپاري ذريعن جو چوڻ آهي ته سعودي عرب يورپي صارفين کي آگاهه ڪيو آهي ته سيپٽمبر ۾ لوڊ ٿيندڙ برينٽ واري تيل جا ڪجهه ڪارگو ملتوي ڪيا ويندا. جڏهن ته بحيره احمر جي بندرگاهه ينبع کان تيل جي لوڊنگ به معطل ڪئي وئي آهي. اها صورتحال اهڙي وقت پيدا ٿي جڏهن ڊرون حملن ۾ سعودي عرب جي اهم ايسٽ ويسٽ آئل پائپ لائن کي نقصان پهتو سعودي عرب اهڙن حملن جو الزام عراقي مليشيا تي لاڳو ڪيو آهي. حملن کان پوءِ سعودي اختيارين جمعي تي اوڀر کان مغرب تائين صحرا ۾ قائم تيل جي پائپ لائن بند ڪري ڇڏي جيڪا گذريل 6 مهينن جي دوران آبنائي هرمز جي بندش جي اثرن کان سعودي تيل جي برآمدات کي وڏي حد تائين محفوظ رکڻ ۾ مددگار ثابت رهي هئي.

بقايا 22 ***

جي ماريل عوام مهانگو پيٽرول خريد ڪرڻ تي مجبور آهي. گذريل رات حڪومت طرفان ٻيهر پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ اضافو ڪيو ويو جو نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو پيٽروليم ڊويزن طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب ڊيزل جي قيمت ۾ 6 روپيه 41 پئسن جو اضافو ڪيو ويو آهي جنهن کان پوءِ ڊيزل جي نئين قيمت 415 روپيه 83 پئسا في ليٽر ٿي وئي آهي. جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب پيٽرول جي في ليٽر قيمت ۾ به 4 روپيه 10 پئسن جو اضافو ڪيو ويو آهي جنهن کان پوءِ پيٽرول جي نئين قيمت 384 روپيه 34 پئسا ٿي وئي. نوٽيفڪيشن موجب پيٽروليم شين جون نيون قيمتون 16 سيپٽمبر رات 12 وڳي تائين لاڳو هونديون.

بقايا 23 ***

کي هدايت ڪئي آهي ته پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (پمز) ۾ لڳل باهه بابت جاچ رپورٽ ۾ تجويز ڪيل مختصر مدي وارا قدم ٽن مهينن اندر لاڳو ڪيا وڃن. وزيراعظم آفيس (پي ايم او) طرفان جاري ڪيل بيان موجب، وزيراعظم پمز اسپتال جي بهتري لاءِ ايڪشن پلان بابت اجلاس جي صدارت ڪندي اهي هدايتون جاري ڪيون. جنهن دوران جاچ رپورٽ ۽ قومي صحت واري وزارت طرفان ڪيل ڪارڪردگي آڊٽ جو جائزو ورتو ويو. 26 آگسٽ تي پمز جي مدر اينڊ چائلڊ اسپتال جي نرسري ۾ لڳل باهه سبب 14 نون ڄاول ٻارن جي فوت ٿيڻ جو واقعو پيش آيو هو. ان واقعي جي جاچ لاءِ قائم ڪيل ڪميٽي ۽ واقعي ۾ ملوث عملدارن جي خلاف سخت ڪارروائي جو مطالبو ڪيو ويو. جاچ جي عبوري رپورٽ پيش ٿيڻ کان پوءِ 8 آفيسرن خلاف فوجداري ڪارروائي ۽ ڪيترن کي معطل ڪرڻ جو حڪم پڻ ڏنو ويو آهي. ان ڏينهن ٿيل اجلاس دوران وزيراعظم هدايت ڪئي ته جاچ رپورٽ ۾ تجويز ڪيل مختصر مدي وارا قدم ايندڙ ٽن مهينن اندر لاڳو ڪيا وڃن.

بقايا 24 ***

ار آهي. واضح رهي ته ايران جو پرڏيهي وزير عباس عراقچي هن وقت چين جي دوري تي آهي ۽ چيني هم منصب سان ملاقات دوران ايران جي ايٽمي پروگرام جي خاطري ڪرائي آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب، بيجنگ ۾ عباس عراقچي سان ملاقات دوران چيني پرڏيهي وزير وانگ يي چيو ته چين ”ايران سان رابطو ۽ سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ ايران جي جائز حقن ۽ مفادن جي تحفظ لاءِ تيار آهي.“ هن وڌيڪ چيو ته ”اسان ايران ۽ آمريڪا ٻنهي کي صلاح ڏيون ٿا ته ڏاهپ ۽ صبر جو مظاهرو ڪن.“ وانگ يي چيو ته اسان علائقائي ڇڪتاڻ کي ڳاڙهي سمنڊ ۽ ٻين علائقن تائين پکڙجندي ڏسڻ نٿا چاهيون. ياد رهي ته چيني صدر شي جن پنگ ايندڙ هفتي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ سان ملاقات لاءِ واشنگٽن جو دورو ڪندو. جڏهن ته هن هفتي چين آمريڪي ميڊيا ۾ شايع ٿيل انهن خبرن جي ترديد ڪئي، جن ۾ دعويٰ ڪئي وئي هئي ته چيني ادارن ايران کي هڪ فوجي اڏي بابت سيٽلائيٽ تصويرون فراهم ڪيون، جتي اردن ۾ آمريڪي فوجون مقرر آهن. هن حملي ۾ ڪي آمريڪي فوجي مارجي ويا هئا.

بقايا 25 ***

ين بم ڏيڻ جو منصوبو ناهي ورتو آهي پرڏيهي خبررسان ادارن جي رپورٽن موجب، تجويز ڪيل پيڪيج ۾ 40 هزار بم شامل آهن، جن ۾ 20 هزار ايم ڪي 84 ۽ 20 هزار بي ايل يو 117 بم شامل آهن. جڏهن ته 20 هزار آءِ 2000 بم [illegible] جو حصو آهن. رپورٽن موجب، اها تازن سالن دوران اسرائيل کي 2 هزار پائونڊ وزني بم جي سڀ کان وڏي تجويز ڪيل وڪري مان هڪ ٿي سگهي ٿي. ميڊيا حوالن موجب اها تجويز منظوري جي مرحلي ۾ آهي. ايم ڪي 84 کي گريوٽي بم طور سڃاتو ويندو آهي. جيڪو سخت ۽ زمين اندر هدفن خلاف پڻ استعمال ڪري سگهجي ٿو. ان جي وڏي ڌماڪيدار اثر سبب گنجان آبادي وارن علائقن ۾ شهري نقصان بابت خدشا به ظاهر ڪيا ويا آهن.

بقايا 26 ***

نشانو بڻائڻ جي ڪوشش جي سخت مذمت ڪندي چيو آهي ته مقدس سرزمين جي بي حرمتي جي ڪوشش ڪنهن به صورت قبول ناهي. سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ايڪس تي پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته حرمين شريفين ڪنهن به جنگ جو ميدان ناهن، مقدس هنڌن کي سياسي يا فوجي مقصدن لاءِ نشانو بڻائڻ جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي. هن چيو ته حرمين شريفين جي سلامتي کي خطري ۾ وجهڻ جي ڪوشش ناقابل قبول آهي. مڪه مڪرمه ۽ مدينه منوره جي امن، سلامتي ۽ حرمت سڄي دنيا جي مسلمانن لاءِ مقدس ۽ ناقابل سمجهوتو معاملو آهي. ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري دعا ڪئي ته الله تعاليٰ حرمين شريفين، سمورن زائرين ۽ مقدس سرزمين کي هر شر ۽ فتني کان محفوظ رکي.

بقايا 27 ***

وزير دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم کي پنهنجي جوار رحمت ۾ جاءِ عطا فرمائي ۽ پوين کي صبرجميل عطا ڪري. آمين.

بقايا 28 ***

ڪيس وفاقي آئيني عدالت ڪيئن ٻڌي سگهي ٿي باني پي ٽي آءِ عمران خان جي اسپتال منتقلي بابت ڪيس جي ٻڌڻي سپريم ڪورٽ جي جسٽس شاهد وحيد جي سربراهيءَ ۾ ٽي رڪني بينچ ڪئي. ڪورٽ ۾ وڪيل اٽارني جنرل رانا اسد عدالت کي ٻڌايو ته وفاقي آئيني عدالت ڪالهه حڪم نامو جاري ڪيو آهي ۽ ان عدالت هن ڪيس جو رڪارڊ طلب ڪيو به آهي ته خانگي اسپتال ۾ علاج نٿو ٿي سگهي، اٽارني جنرل چيو ته عدالت جي حڪم تي رڪارڊ فراهم ڪيو ويو آهي. جسٽس شاهد وحيد چيو ته اسان وفاقي آئيني عدالت کان آئين جي منشا سمجهڻ چاهيون ٿا. اسان عدليه جي ادارن وچ ۾ باهمي احترام جا قائل آهيون، سوالن جو ڪو منفي مطلب نه ورتو وڃي، اهي رڳو سمجهڻ لاءِ ڪيا پيا وڃن. اٽارني جنرل عدالت کي ٻڌايو ته آئيني عدالت ۽ سپريم ڪورٽ جا اختيار آئين ۾ واضح ڪيا ويا آهن.

بقايا 29 ***

ذريعي شهرين سان سڌو رابطو ڪندو ۽ سندن بلدياتي ۽ ٻين لاڳاپيل مسئلن بابت شڪايتون ٻڌندو ڪي ايم سي موجب اي ڪچهري جو مقصد شهرين کي پنهنجا مسئلا ۽ شڪايتون سڌو ميئر تائين پهچائڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ آهي. اي ڪچهري جي تاريخ ۽ وقت جو اعلان بعد ۾ ڪيو ويندو. واضح رهي ته ميئر ڪراچي 10 سيپٽمبر تي ڪي ايم سي جي ترقياتي ڪمن، زمين جي رڪارڊ ۽ مالي معاملن تائين شهرين کي آن لائين رسائي ڏيڻ لاءِ ڊجيٽل خدمتون پڻ متعارف ڪرايون هيون.

بقايا 30 ***

20 سيپٽمبر تي اسلام آباد مارچ ڪيو ويندو ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته اسلام آباد ۾ ڪنٽينر لڳائي جماعت اسلامي جي مارچ روڪي نٿو سگهجي، جماعت اسلامي پيٽروليم شين جي اگهن ۾ گهٽتائي لاءِ مڪمل فارمولو حڪومت کي پيش ڪري چڪي آهي. سندس چوڻ هو ته جماعت اسلامي جي تجويزن جي جواب ۾ حڪومت طرفان رڳو پريزنٽيشن پيش ڪئي پئي وڃي. حافظ نعيم چيو ته هن پنهنجي ڳالهين واري ٽيم کي هدايت ڪئي آهي ته جيڪڏهن حڪومت معاملي کي اهڙي طريقي سان ٽاريندي رهي ته ڳالهين جو عمل ختم ڪيو وڃي، جماعت اسلامي جي امير اعلان ڪيو ته 20 سيپٽمبر تي اسلام آباد مارچ ڪيو ويندو ۽ هاڻي فيصلو روڊن تي ٿيندو. هن واضح ڪيو ته پيٽروليم ليوي ختم ڪرڻ جي مطالبي تي عمل ٿيڻ تائين ڌرڻو ختم نه ڪيو ويندو. حافظ نعيم الرحمان چيو ته ڊيزل جون قيمتون تمام گهٽتائي جي ڳالهه ٿي وڃي ٿي. پر عوام ۽ ماڻهن کي ڪا نمايان گهٽتائي نظر نٿي اچي. هن سوال ڪيو ته ريلوي ۽ عوام کي ڪهڙو رليف ڏنو ويو آهي ۽ لاڪ ڊائون ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي. هن پنجاب ۾ سرڪاري جهازن جي مبينا ذاتي استعمال بابت پڻ سوال اٿاريندي چيو ته ان جو آڊٽ ٿيڻ گهرجي ۽ اهو به معلوم ڪيو وڃي ته جهاز ڪٿي ۽ ڪيئن استعمال ٿيا.

بقايا 31 ***

۾ هڪ ٽريلر جو ڊرائيور فوت، جڏهن ته ڪلينر زخمي ٿي پيو موٽروي پوليس جي عملدارن موجب، ٽڪر کانپوءِ هڪ ٽريلر کي باهه لڳي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ ان جو ڊرائيور فوت ٿي ويو. ڊرائيور جي سڃاڻپ ميانوالي ضلعي جي رهواسي منظور احمد طور ٿي آهي. جڏهن ته زخمي ڪلينر کي طبي علاج لاءِ قاضي احمد جي تعلقه هيڊڪوارٽر اسپتال منتقل ڪيو ويو. پوليس موجب، ٻنهي ٽريلرن کي تحويل ۾ ورتو ويو آهي ۽ واقعي جي جاچ جاري آهي.

بقايا 32 ***

آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ بي آر ٽي يلو لائن منصوبي ۾ 8.5 ارب روپين جي مبينا ڪرپشن واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، جنهن دوران عدالت اڳوڻي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ضمير عباسي جي ضمانت منظور ڪئي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ضمير عباسي جو نالو اي سي ايل ۾ شامل ڪرڻ ۽ جوابدار خلاف غبن جي الزامن جي وڌيڪ جاچ جو حڪم ڏنو. عدالت جوابدار کي 10 لک رپين جا ضمانتي مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو. ياد رهي ته اينٽي ڪرپشن ڪورٽ اڳ ۾ ضمير عباسي جي ضمانت جي درخواست رد ڪري ڇڏي هئي.

بقايا 33 ***

جي حدچنا هوٽل وٽ جامشورو کان سيوهڻ طرف ويندڙ ڪار تيزرفتاري سبب ڪنٽرول کان ٻاهر ٿي ڪري ڪاهي ۾ هلي وئي جنهن جي نتيجي ۾ ڪار سوار ٻه ڄڻا موقعي تي فوت جڏهن ته 2 زخمي ٿي پيا فوتين جي لاشن ۽ زخمين کي مقامي ماڻهن سيوهڻ اسپتال پهچايو زخمين کي طبي امداد ڏني وئي. جڏهن ته فوتين جي لاشن جون قانوني ڪارروايون پوريون ڪري لاش وارثن حوالي ڪيا ويا. ليٻاٽ پوليس رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته فوتين جي سڃاڻپ شاهين پوليس فورس اهلڪار جاويد جلباڻي ۽ غلام مصطفيٰ پنهور طور ٿي آهي جڏهن ته زخمين ۾ شاهين پوليس فورس انچارج زمان پنهور، ثناءالله بروهي شامل آهن وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي ته حادثو ڪيئن پيش آيو آهي.

بقايا 34 ***

ڪلاڪ گذرڻ باوجود جاچ ۾ ڪا حتمي اڳڀرائي نه ٿي سگهي. مقتوله مهوش جو موبائل فون ۽ قتل ۾ استعمال ٿيل اوزار به هٿ نه لڳي سگهيا. پوليس موجب گهر جي چڪاس باوجود موبائل فون نه مليو جڏهن ته فون جو ڪال ڊيٽا رڪارڊ حاصل ڪيو پيو وڃي. واقعي جي جاچ لاءِ ڊي آءِ جي ويسٽ عرفان بلوچ جي هدايت تي 8 رڪني ٽيم جوڙي وئي آهي، جنهن جي سربراهي ايس ايس پي ويسٽ طارق الاهي مستوئي ڪري رهيو آهي. پوليس موجب مقتوله جي دوستن، مائٽن ۽ پاڙيسرين کان پڇا ڳاڇا سان گڏ علائقي جي ڪئميرائن جي فوٽيج جي رڪارڊنگ ۽ ٻين ذريعن شاهدين جو جائزو ورتو پيو وڃي. ايس ايس پي ويسٽ چيو ته قتل ۾ مڙس ملوث آهي يا ڪو ٻيو، في الحال حتمي طور ڪجهه نٿو چئي سگهجي. پوليس سرجن جي شروعاتي رپورٽ موجب مقتوله جي مٿي تي ڪيترائي سخت ڌڪ لڳل هئا، جن سبب دماغي بافتن کي نقصان پهتو. سندس نمونا ڪيميائي تجزي لاءِ موڪليا ويا آهن.

بقايا 35 ***

ڙو ڪو به فيصلو قبول نه ڪيو ويندو. ملڪ ۾ اڳ ئي بحران وڌي چڪو آهي، تنهنڪري صورتحال کي وڌيڪ بحران ڏانهن نه ڌڪيو وڃي. صوبن جو معاملو هجي يا ڪينال جو، پاڪستان پيپلزپارٽي جي قيادت ڪڏهن به سنڌ جو سودو نه ڪندي. هن چيو ته پيپلزپارٽي جي سموري قيادت سنڌ جي عوام سان گڏ بيٺل آهي ۽ صوبي جي مفادن جي تحفظ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي.

بقايا عوامي سوچ 01

ون آهن. متاثرن ۽ علائقي واسين جو چوڻ آهي ته بئنڪ تي ايندڙ بينيفشريز جو تعداد ٿورو هئڻ ۽ خاص رش نه هجڻ باوجود به کين ايجنٽ ڪانسواءِ بئنڪ اندر داخل ٿيڻ ۾ رڪاوٽون پيش اچن ٿيون، جنهن ڪري غريب ۽ ٻوڏ متاثر ماڻهو پنهنجا جائز بئنڪنگ معاملا سڌي ريت بئنڪ عملي سان حل ڪرائڻ بدران مبينا طور تي ايجنٽن جي معرفت ڪم ڪرائڻ تي مجبور ٿين ٿا. متاثرن موجب 2021ع جي ٻوڏ دوران متاثر ٿيل خاندانن کي گهرن جي تعمير لاءِ ملندڙ سرڪاري امدادي رقم حاصل ڪرڻ لاءِ هو بئنڪ جا چڪر ڪاٽي رهيا آهن، پر امدادي رقم وصول ڪرڻ جي عمل ۾ کين مبينا طور تي مختلف پريشانين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. متاثرن جو چوڻ آهي ته بئنڪ ۾ رش نه هئڻ باوجود به کين سڌي ريت بئنڪ عملي تائين رسائي حاصل ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿئي ٿي، جڏهن ته بيلنس چيڪ ڪرڻ، رقم جي موجودگي معلوم ڪرڻ ۽ ٻيا معاملا به مبينا طور تي ايجنٽن وسيلي ڪرائڻا پون ٿا. شڪايت ڪندڙ ٻوڏ متاثرن پاران سڀ کان وڌيڪ ڳڻتي جوڳي ڳالهه اها سامهون آئي آهي ته اڪائونٽ ۾ امدادي رقم موجود هجڻ باوجود مبينا طور تي رقم نه اچڻ جو چئي ڪجهه بينيفشريز کي واپس موڪليو وڃي ٿو. متاثرن جو الزام آهي ته جيڪڏهن ڪو بينيفشري ايجنٽ کي مبينا طور تي اضافي رقم ڏيڻ کان انڪار ڪري ته کيس "توهان جا پئسا اڃا ناهن آيا" چئي واپس ڪيو وڃي ٿو، جڏهن ته مبينا طور تي ايجنٽ کي رقم ڏيڻ ڪانپوءِ ساڳئي بينيفشري کي سندس امدادي رقم ملي وڃي ٿي. متاثرن جو چوڻ آهي ته اهڙي صورتحال سبب هو سخت ذهني پريشاني ۽ معاشي نقصان کي منهن ڏئي رهيا آهن، ڇاڪاڻ ته ڪيترائي غريب خاندان اڳ ئي ٻوڏ جي تباهڪارين سبب پنهنجا گهر ۽ روزگار وڃائي چڪا آهن. سندن چوڻ موجب سرڪاري امداد سندن حق آهي ۽ ان جي وصولي لاءِ کين به غيرضروري وچولي يا اضافي خرچ جو بار وجهڻ سان امداد جو مقصد ئي متاثر ٿي سگهي ٿو. شهرين سوال اٿاريو آهي ته جيڪڏهن بئنڪ ۾ رش موجود ناهي ۽ بينيفشريز جو تعداد به ٿورو آهي ته پوءِ انهن کي بئنڪ اندر سڌي ريت داخل ٿي بئنڪ عملي سان پنهنجو ڪم ڪرائڻ کان ڇو روڪيو وڃي ٿو؟ سندن چوڻ آهي ته بئنڪ جون سهولتون عوام ۽ خاص طور تي امدادي رقم حاصل ڪندڙ مستحق ماڻهن لاءِ آسان، شفاف ۽ سڌي هئڻ گهرجن. متاثرن اهو پڻ مطالبو ڪيو آهي ته بئنڪ انتظاميا واضح ڪري ته بئنڪ جي دروازي تي بينيفشريز جي داخلا بابت ڪهڙو ضابطو لاڳو آهي ۽ ڇا ڪنهن خانگي ايجنٽ کي بئنڪ جي اندر يا ٻاهر بينيفشريز جا بئنڪنگ معاملا ڪرائڻ جي باضابطه اجازت حاصل آهي؟ جيڪڏهن اهڙي اجازت موجود آهي ته ان جو طريقيڪار ۽ فيس پڻ عوام آڏو واضح ڪئي وڃي، جيئن ڪنهن به قسم جي غلط فهمي يا مبينا ناجائز وصولي جو رستو بند ٿي سگهي. ٻوڏ متاثرن ۽ شهرين سنڌ بئنڪ جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته صالح پٽ برانچ جو فوري ۽ اوچتو معائنو ڪرائي بينيفشريز جي شڪايتن جي جاچ ڪئي وڃي. بئنڪ جي داخلا واري نظام، بيلنس چيڪ ڪرڻ، امدادي رقم جي موجودگي جي تصديق، رقم جاري ڪرڻ ۽ ايجنٽن جي ڪردار بابت مڪمل رڪارڊ ۽ طريقيڪار جو جائزو ورتو وڃي. متاثرن وڌيڪ مطالبو ڪيو آهي ته جيڪڏهن جاچ دوران ڪنهن به قسم جي غيرقانوني رقم وٺڻ، ناجائز ڪٽوتي يا بينيفشريز کي غيرضروري طور تي ايجنٽن ڏانهن موڪلڻ جون شڪايتون درست ثابت ٿين ته ذميوارن خلاف ضابطن موجب ڪارروائي ڪئي وڃي، جڏهن ته مستحق ٻوڏ متاثرن کي سندن امدادي رقم بغير غيرضروري رڪاوٽ، مبينا ڪٽوتي ۽ اضافي تڪليف جي شفاف طريقي سان فراهم ڪئي وڃي. شهرين جو چوڻ آهي ته سرڪاري امدادي رقم جو مقصد متاثر خاندانن جي مدد ڪرڻ آهي، تنهن ڪري ان جي ورڇ ۽ ادائيگي واري عمل ۾ مڪمل شفافيت، جوابدهي ۽ عوامي سهولت کي يقيني بڻائڻ ضروري آهي. هنن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته متاثرن جي شڪايتن کي نظرانداز ڪرڻ بدران زميني سطح تي حقيقتون معلوم ڪري مناسب قدم کنيا وڃن

بقايا عوامي سوچ 02

حال عمارت جي جاءِ تي نئين عمارت تعمير ڪرائڻ جي درخواست سکر جي ميئر ارسلان اسلام شيخ کي پيش ڪري ڇڏي، درخواست تي سکر جي ميئر ارسلان اسلام شيخ اربن هيلٿ سينٽر جي خستہ حالي، علائقي جي وڌندڙ آبادي ۽ عوامي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي نئين عمارت جي تعمير سان گڏ اربن هيلٿ سينٽر کي بيسڪ هيلٿ سينٽر بڻائڻ جي به خاطري ڪرائي، علائقي واسين جو چوڻ آهي ته اربن هيلٿ سينٽر جي قيام وقت علائقي جي آبادي محدود هئي، پر هاڻي آبادي ۽ علائقائي حدن ۾ نمايان اضافو ٿي چڪو آهي، جنهن سبب صحت جي سهولتن ۾ واڌ جي سخت ضرورت آهي، علائقي جي عوام چيئرمين نثار احمد قريشي پاران صحت سميت بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ ڪيل ڪوشش کي ساراهيندي سندس شڪريو ادا ڪيو. جڏهن ته ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ پاران اربن هيلٿ سينٽر کي بيسڪ هيلٿ سينٽر بڻائڻ جي خاطري کي پڻ پليڪار ڪيو.

بقايا عوامي سوچ 03

جي سهڪار سان حيدرآباد ۾ لائيو سرجري ورڪشاپس منعقد ڪيون پيون وڃن، جن ۾ برطانيا مان ايندڙ ماهر سرجن 22 کان 24 سيپٽمبر 2026ع تائين جديد ترين ڪارنيئل ۽ ليڪريمل سرجري جي تربيت فراهم ڪندا. تفصيل موجب سنڌ انسٽيٽيوٽ آف آٿالمولوجي اينڊ ويول سائنسز (SIOVS) حيدرآباد، ويزن فار ايجوڪيشن فائونڊيشن (V4E) جي سهڪار سان 22 کان 24 سيپٽمبر 2026ع تائين SIOVS ڪيمپس ۾ ٻن لائيو سرجري ورڪشاپس جو اهتمام ڪري رهيو آهي. اهي ورڪشاپس SIOVS جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر خالد اقبال ٽالپر جي سربراهي ۾ منعقد ٿي رهيون آهن، جيڪي پاڪستان ۾ جراحي تربيت ۽ اکين جي طبي تعليم کي هٿي وٺرائڻ جي جاري ڪوشش جو حصو آهن. ورڪشاپ 1: ڊيسيميٽ ميمبرين اينڊوٿيليل ڪيراٽوپلاسٽي (DMEK) هن ورڪشاپ جي اڳواڻي برطانيا سان تعلق رکندڙ ڪنسلٽنٽ ڪارنيئل ۽ گلوڪوما سرجن ڊاڪٽر فياض موسيٰ ڪندا، جڏهن ته SIOVS جي پروفيسر ڊاڪٽر شهزاد ميمڻ فيسليٽيٽر طور پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندا. DMEK دنيا ۾ ڪارني ٽرانسپلانٽ جي جديد ترين ٽيڪنڪن مان هڪ آهي، جيڪا روايتي طريقن جي ڀيٽ ۾ نظر جي تيز بحالي ۽ ريجيڪشن جي گهٽ شرح فراهم ڪري ٿي. ورڪشاپ 2: ايڊوانسڊ ليڪريمل سرجري، اينڊواسڪوپڪ ليزر DCR ۽ CDCR ذريعي ليسٽر جونز ٽيوب، هن ورڪشاپ جي اڳواڻي پروفيسر ڊاڪٽر عرفان جيوا ڪندا، جيڪي SIOVS جا وزٽنگ پروفيسر، برطانيا جي مڊ يارڪ شائر هاسپيٽلز NHS ٽرسٽ ۾ ڪلينڪل گورننس ليڊ ۽ ڪنسلٽنٽ آٿالمولوجسٽ آهن. جڏهن ته ڊاڪٽر فريحا شيرواني، ايسوسيئيٽ پروفيسر SIOVS، ورڪشاپ ۾ فيسيليٽيٽر طور شامل ٿيندي. ورڪشاپس جو مقصد اکين جي ماهرن ۽ جراحن کي جديد جراحي ٽيڪنڪن بابت عملي تربيت فراهم ڪرڻ ۽ پاڪستان ۾ اکين جي علاج جي شعبو ۾ جديد طبي تعليم ۽ جراحي مهارتن کي وڌيڪ هٿي وٺرائڻ آهي

بقايا عوامي سوچ 04

ن. ان موقعي تي، ميئر سنڌ جي مقامي حڪومت کاتي جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته جديد گاڏين جي فراهمي شهر ۾ ڪنهن به هنگامي صورتحال، خاص طور تي باهه جي واقعن کي مؤثر طريقي سان منهن ڏيڻ ۾ مدد ڪندي. تفصيل موجب، ميرپورخاص جي وڌندڙ آبادي، گنجان آباد علائقن ۽ بلند و بالا پلازن جي تعمير جي ڪري، فائر برگيڊ کي هنگامي حالتن ۾ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. ان صورتحال کي نظر ۾ رکندي، ميئر عبدالرؤف غوري سنڌ جي مقامي حڪومت کاتي سان رابطو ڪيو ۽ ميرپورخاص لاءِ جديد اسنارڪل فائر برگيڊ گاڏيون فراهم ڪرڻ جي درخواست ڪئي. ميئر جي درخواست تي، سنڌ جي مقامي حڪومت کاتي ڪالهه ميرپورخاص کي ٻه جديد اسنارڪل فائر برگيڊ گاڏيون ڏنيون. جديد گاڏيون بلند و بالا عمارتن ۽ پلازن ۾ باهه کي ڪنٽرول ڪرڻ سان گڏ بچاءَ جي ڪمن ۾ مدد ڪنديون. شهرين، سماجي ۽ سياسي حلقن ميرپورخاص لاءِ جديد فائر برگيڊ گاڏين جي فراهمي کي هڪ اهم قدم قرار ڏنو ۽ ميئر عبدالرؤف غوري جي ڪوشش کي ساراهيو ۽ کيس خراج تحسين پيش ڪيو.

بقايا عوامي سوچ 05

شاگردن ۽ ڳوٺاڻن پاران احتجاج ڪيو ويو. احتجاج دوران شاگردن "استاد ڏيو تعليم بچايو" جا نعرا هنيا ڳوٺاڻن چيو ته جنگشاهي ڪوهستان ۾ سڀ کان وڌيڪ انرولمينٽ رکندڙ اسڪولن مان هڪ، گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول سبز علي بروهي آهي، پر شاگردن جي وڏي انگ باوجود اسڪول ۾ گهربل تعداد ۾ استاد مقرر ناهن، جنهن سبب ٻارڙن جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي. هنن الزام لڳايو ته ڊي اي او پرائمري نور سرائي جي غفلت سبب ڪوهستان جا ڪيترائي پرائمري اسڪول بند ٿي ويا آهن. ڳوٺاڻن موجب تازو سوين نوان استاد ڀرتي ٿيڻ باوجود سبز علي بروهي اسڪول ۾ هڪ به نئون استاد مقرر نه ڪيو ويو، جڏهن ته گهٽ انرولمينٽ وارن ڪجهه اسڪولن ۾ چار چار ۽ ڇهه ڇهه استاد مقرر ٿيل آهن. ڳوٺاڻن وڌيڪ چيو ته تعلقو ايجوڪيشن آفيسر سيد هاشم شاهه پاران پڻ جنگشاهي جي اسڪولن جا مناسب دورا نه ڪرڻ سبب مسئلا حل نه ٿي سگهيا آهن. هنن وزير تعليم، سيڪريٽري تعليم، ڊائريڪٽر حيدرآباد ريجن ۽ ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو کان مطالبو ڪيو ته ضلعي ۽ تعلقي سطح تي اهل ۽ ذميوار آفيسر مقرر ڪري گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول سبز علي بروهي ۾ شاگردن جي تعداد مطابق استاد مقرر ڪيا وڃن، جڏهن ته ڪوهستان ۾ بند پيل پرائمري اسڪول ٻيهر کوليا وڃن، جيئن ڀهراڙي جي مسڪين خاندانن جا ٻار به معياري تعليم حاصل ڪري سگهن

بقايا عوامي سوچ 06

ن واري مين سپلاءِ لائين ۾ مبينا طور سوراخ ڪري درجنين گهرن تائين غيرقانوني طريقي سان گئس پهچائڻ واري نيٽ ورڪ جو انڪشاف ٿيو آهي سوئي گئس انتظاميا جديد فني اوزارن ۽ مسلسل نگراني ذريعي مبينا گئس چوري جو سراغ لڳائڻ جي دعويٰ ڪندي غيرقانوني ڪنيڪشن ڪاٽي ڇڏيا آهن جڏهن ته ملوث ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي جو عمل شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي روهڙي جي نيو يارڊ ڪالوني، ڪرسچن قبرستان پرسان عمرڪس واهه، ساڌلو ڳوٺ ۽ ساڪاٽي ڳوٺ سميت مختلف علائقن ۾ سوئي گئس جي مين سپلاءِ لائن مان مبينا طور سوراخ ڪري پائپ لڳائي ڪيترن ئي گهرن کي غيرقانوني ڪنيڪشن ذريعي گئس فراهم ڪئي پئي وئي انتظاميا موجب انهن غيرقانوني ڪنيڪشن سبب نه رڳو گئس جي فراهمي جو نظام متاثر ٿي رهيو هو پر قومي خزاني کي پڻ وڏي مالي نقصان جو منهن ڏسڻو پئجي رهيو هو سوئي گئس روهڙي انچارج ڊپٽي چيف انجنيئر فيض محمد شورو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته مختلف علائقن مان گئس چوري بابت مسلسل شڪايتون وصول ٿي رهيون هيون سندس چوڻ هو ته مبينا طور گئس چوري ۾ ملوث ماڻهو تجربيڪار هجڻ سبب اهڙي طريقي سان چوري ڪري رهيا هئا جنهن جي نشاندهي ڪرڻ ۾ فني طور ڏکيائيون پيش اچي رهيون هيون هن چيو ته انتظاميا پاران لڳاتار هڪ هفتي تائين فني نگراني ڪئي وئي ۽ جديد اوزارن ۽ طريقيڪار جي مدد سان گئس جي وهڪري ۽ لائنن جي صورتحال جو جائزو ورتو ويو جنهن دوران مختلف هنڌن تي مين سپلاءِ لائنن سان مبينا غيرقانوني ڪنيڪشنن جي نشاندهي ٿي نشاندهي بعد غيرقانوني ڪنيڪشن ڪاٽي ڇڏيا آهن جڏهن ته ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي جو عمل شروع ڪيو ويو آهي ڊپٽي چيف انجنيئر فيض محمد شورو موجب گئس جي مبينا چوري ڊگهي عرصي کان جاري رهڻ سبب قومي خزاني کي ڪروڙين رپين جو نقصان پهچڻ جو خدشو آهي جنهن بابت وڌيڪ جاچ ۽ نقصان جو تخمينو پڻ ڪيو پيو وڃي هن واضح ڪيو ته گئس چوري خلاف ڪارروائي جو دائرو روهڙي جي ٻين علائقن تائين پڻ وڌايو ويندو ۽ ڪنهن به غيرقانوني ڪنيڪشن کي نظرانداز نه ڪيو ويندو ٻئي طرف گئس انتظاميا طرفان هڪ ٻيو اهم حفاظتي معاملو پڻ سامهون آندو ويو آهي انتظاميا موجب شهر جي ڪجهه علائقن ۾ گهٽ وولٽيج جي شڪايتن سبب ڪجهه صارفين پاران بجلي جي ارٿنگ گئس جي پائپن سان ڳنڍڻ جا واقعا پڻ سامهون آيا آهن گئس اختيارين جو چوڻ آهي ته گئس جي پائپن کي بجلي جي ارٿنگ لاءِ استعمال ڪرڻ انتهائي خطرناڪ عمل آهي جنهن سان گئس لائنن ۾ برقي ڪرنٽ منتقل ٿيڻ ۽ ڪنهن حادثي جي صورت ۾ جاني نقصان جو خدشو موجود رهي ٿو سوئي گئس انتظاميا سيپڪو جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته گئس جي پائپن سان غيرقانوني طور بجلي جون ارٿنگ ڪنيڪشنون لڳائڻ واري عمل جو فوري نوٽيس وٺي لاڳاپيل علائقن ۾ حفاظتي قدم کنيا وڃن جيئن ڪنهن به امڪاني حادثي کان بچي سگهجي گئس انتظاميا موجب غيرقانوني ڪنيڪشنن خلاف ڪارروائي سان گڏ لائنن جي فني نگراني پڻ جاري رکي ويندي جڏهن ته گئس چوري ۾ ملوث ماڻهن جي سڃاڻپ ۽ انهن خلاف قانوني ڪارروائي جو سلسلو اڳتي وڌايو ويندو واضح رهي ته مين سپلاءِ لائنن مان غيرقانوني ڪنيڪشن ذريعي گئس حاصل ڪرڻ سان قانوني صارفين جي فراهمي لائن پريشر ۽ سڄي ورڇ واري نظام تي پڻ اثر پوڻ جو خدشو رهندو آهي ان ڪري انتظاميا پاران گئس چوري جي روڪٿام لاءِ فني نگراني جو عمل تيز ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي

بقايا عوامي سوچ 07

(Ps) ۽ اسسٽنٽ سب انسپيڪٽرز (ASIs) جي رينڪ پننگ تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب دوران ڊي آءِ جي ميرپورخاص رينج ڪيپٽن (ر) فيصل عبدالله چاچڙ، ايس ايس پي ميرپورخاص ساجد امير سدوزئي ۽ ڊي ايس پي آپريشن راجا فرخ ترقي ماڻيندڙ پوليس آفيسرن جي ڪلهن تي نيون رينڪس لڳايون ۽ کين مبارڪباد ڏني ان موقعي تي ڊي آءِ جي ميرپورخاص رينج ڪيپٽن (ر) فيصل عبدالله چاچڙ ترقي ماڻيندڙ آفيسرن کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته ترقي اعزاز سان گڏ وڌيڪ ذميواري ۽ جوابدهي جو تقاضو ڪري ٿي. هن آفيسرن تي زور ڏنو ته هو پنهنجا فرض پيشورانه مهارت، نظم و ضبط، ايمانداري ۽ ڀرپور لگن سان سرانجام ڏين ۽ عوام کي انصاف جي فراهمي سان گڏ باعزت پوليس سروس جي فراهمي کي يقيني بڻائين. ڊي آءِ جي وڌيڪ چيو ته نين ذميوارين سان گڏ آفيسر پوليسنگ جي معيار کي بهتر بڻائڻ، امن امان برقرار رکڻ ۽ عوام جو پوليس تي اعتماد وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۾ پنهنجو اثرائتو ڪردار ادا ڪن

بقايا عوامي سوچ 08

قادر جوکيو ۽ سندس فرزند حافظ صدام حسين جوکيو پاران عرس مبارڪ ميلي جون تياريون آخري مرحلي ۾ اچي چڪيون آهن، جنهن ۾ 17 سيپٽمبر خميس جي شام جمعي جي رات درگاهه جي احاطي ۾ مولوي محمد يامين جماري واعظ ڪرڻ سان گڏ 18 سيپٽمبر جمعي جي شام ڇنڇر جي رات درگاهه امير شاهه جيلاني جو خدمتگار حافظ صدام حسين جوکيو واعظ ڪرڻ سميت 20 سيپٽمبر آچر جي شام سومر جي رات درگاهه حضرت الحاج مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رح جن جي جامع مسجد جي امام خطيب مولوي محمد ايوب جوکيو نعيمي جن واعظ ڪرڻ فرمائيندا، اهڙي پڙرائي درگاهه جي خدمتگار غلام قادر جوکيو حافظ صدام حسين جوکيو خادم حسين جوکيو فداحسين جوکيو افضل حسين جوکيو صاحبزاد حافظ صدام حسين جوکيو، علي دوست، منير، صالح محمد، شبير، نثار جوکيو پاران ڪئي ويئي اهي، جن ٻڌايو آهي ته ميلي ۾ مولودن جي محفل سان گڏ نعت خوان نعت پڙهڻ جي سعادت ماڻيندا، جڏهن ته لنگر نياز پڻ جاري رهندو.

بقايا عوامي سوچ 09

جڻ جي نتيجي ۾ بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ ڪري ملاح برادري جي ٻن عورتن سميت 6 ڄڻن جي فوت ٿيڻ توڙي 20 کان وڌيڪ ماڻهن جي زخمي ٿيڻ واري واقعي ۾ فوت ٿي ويل 6 ڄڻن جي وارثن لاءِ ضلعي ڪائونسل ٺٽي جي چيئرمين عبدالحميد پنهور پاران ضلعي ڪائونسل ٺٽي طرفان هر فوتي جي وارثن کي 2/2 لک روپيا مالي امداد ڏيڻ جو اعلان ڪندي افسوسناڪ واقعي ۾ زخمي ٿيل ماڻهن جو بهتر نموني علاج ڪرائڻ لاءِ پڻ هر ممڪن سهڪار ڪرڻ جي خاطري ڪرائيندي عبدالحميد پنهور چيو ته انساني جانين جو نقصان ڪنهن به صورت ۾ پورو نٿو ڪري سگهجي، پر ڏک جي هن گهڙيءَ ۾ متاثر خاندانن کي اڪيلو نه ڇڏيو ويندو. هن چيو ته ضلعي حڪومت ٺٽو پنهنجي وس آهر متاثر خاندانن سان هر ممڪن سهڪار ڪندي ساڻن هن ڏک جي گهڙي ۾ ساڻن برابر جي شريڪ آهي. هن چيو ته متاثر خاندانن جي مالي مدد ڪرڻ اسان جي ذميواري آهي، ان ڪري ضلعي ڪائونسل پاران هر فوتي جي وارث کي 2/2 لک روپيا امداد فراهم ڪئي ويندي. عبدالحميد پنهور چيو ته اهڙن افسوسناڪ واقعن جي روڪٿام لاءِ لاڳاپيل ادارن کي بجلي جي تارن جي حالت، مرمت ۽ حفاظتي انتظامن تي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي، جيئن مستقبل ۾ قيمتي انساني جانيون ضايع ٿيڻ کان بچائي سگهجن.

بقايا عوامي سوچ 10

ڻ پوڻ ڪري ڏڪاري حالتون شروع ٿي ويون، ڪوهن جو ڪارو پاڻي ٿيڻ سان گڏ چوپائي مال جو چارو ختم ٿيڻ ڪري چوپايو مال به اڄ ۽ بک وگهي پاهه ٿيڻ لڳو مالوند ماڻهن سميت ڪوهستان واسين پاران کين پيئڻ جو پاڻي مهيا ڪري انسانن توڙي جانورن کي اڄ مرڻ پان بچائي ڪوهستان واسين کي صحت، تعليم، روزگار، روڊ، رستي، بجلي سميت سمورين بنيادي سهولتون ڏيارڻ جي گهر ڪري ڇڏي اهي، ان سلسلي ۾ يوسي جنگهڙي جي ڪيترن ئي متاثر رهواسين شفيع محمد شورو، حاجي رحمان ڪوسو، دلاور خاصخيلي ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته يوسي جنگهڙي سميت پوري ڪوهستاني پٽي ۾ هن واري تيز برساتون نه پوڻ ڪري ڏڪاري حالتون شروع ٿي ويون آهن، هنن چيو ته ڪوهستاني پٽي ۾ ڪوهن جو پاڻي ڪارو ٿي ويو اهي، خاص طور نئي بارڻ جي ٻنهي پاسن سميت مختلف ندين مان بااثر ماڻهن پاران طاقت جي زور ريتي ڪٽڻ ڪري پاڻي جي ڪوٽ سميت ڪوهن جو پاڻي ڪارو ٿيڻ ڪري پيئڻ جي لائق ناهي رهيو جنهن ڪري انسان توڙي جانور پاڻي لاءِ سخت پريشان آهن ته ٻئي طرف برساتون نه پوڻ ڪري چوپائي مال جو چارو ختم ٿيڻ ڪري چوپايو مال به اڄ توڙي بک وگهي پاهه ٿيڻ لڳو آهي، شفيع محمد شورو، دلاور خاصخيلي ۽ حاجي رحمان ڪوسو چيو ته ملڪ ۾ روزانو تيل جون قيمتون وڌڻ ڪري مهنگائي ۾ حد کان وڌيڪ اضافو ٿيڻ ڪري عام واهپي جي شين جا اگهه آسمان سان ڳالهيون پيا ڪن، جنهن ڪري پورهيت ماڻهون هڪ ويلو ماني گهڻي لاءِ سخت پريشان آهي، پر حڪمرانن کي غريب عوام جي تڪليفن جو ڪوبه احساس ناهي، هنن چيو ته ڪوهستاني پٽي ۾ وڏي تعداد ۾ پن بجلي گهر لڳڻ باوجود مقامي ماڻهن کي روزگار به نٿو ڏنو وڃي ۽ نئي ونڊ پاور ڪمپني انتظاميه مقامي ماڻهن تي سي ايس آر فنڊ تي استعمال ڪري، هنن چيو ته هتان جي ڪوهستان واسين جا ڳوٺ پڪا ٿي سگهيا آهن ۽ نه ئي کين پيئڻ جي صاف پاڻي، روزگار، روڊ، رستي، بجلي، تعليم، صحت سميت ڪا به بنيادي سهوليت ملي ناهي سگهي، هتان جي اڪثر اسڪولن جي بلڊنگس جي زبون حالت اهي، پر انهن زبون حال اسڪولن جي بلڊنگس جي مرمت به ٿي ناهي سگهي، هنن چيو ته يوسي جنگهڙي ۾ ڪجهه من پسند ماڻهن جي ڳوٺن کي واٽر سپلاءِ ڏني ويمي اهي، پر اڪثر ڳوٺ پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم بڻيل آهن. هن الزام هڻندي چيو ته يوسي چيئرمين کي جيڪا بجيٽ ملي ٿي اها هڙپ ڪريو وڃي، جنهن ڪري سرزمين تي ڪوبه ترقياتي ڪم نظر نٿو اچي، هتان جي رهواسين ڊي سي ٺٽو سميت چونڊيل نمائندن کان گهر ڪئي ته ڪوهستان واسين کي پيئڻ جو صاف پاڻي مهيا ڪري کين روزگار سميت سمورين بنيادي سهولتون مهيا ڪري پريشاني کان بچائڻ سميت ڪوهستاني پٽي ۾ مال جي چاري جو بندوبست ڪري ڏنو وڃي، جيئن چوپايو مال بک وگهي مرڻ کان بچي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 11

ينگا ۾ ڀائرن ۽ ڀينرن وچ ۾ اباڻي زرعي زمين جي حصي تان تڪرار سامهون آيو آهي. خميسو پٽ اچار ايوانِ صحافت پريس ڪلب پهچي الزام لڳايو ته کيس سندس اباڻي زرعي زمين مان مبينا طور بي دخل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته سندس مائٽ کيس پنهنجي حصي جي زمين وڪرو ڪرڻ کان به روڪي رهيا آهن. هن دعويٰ ڪئي ته تڪرار دوران مٿس مبينا تشدد ڪيو ويو جنهن ۾ سندس ٽنگ به ڀڄي پئي، جڏهن ته کيس پوليس لاڪپ پڻ ڪرايو ويو. هن اختيارين کان معاملي جي شفاف جاچ ۽ قانوني حصو ڏيارڻ جو مطالبو ڪيو ٻئي طرف خميسو جي وڏي ڀاءُ جڻد ۽ سندس گهرڀاتين سندس سمورن الزامن کي رد ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو ته مذڪوره زمين اباڻي ملڪيت آهي، جنهن ۾ سڀني ڀائرن ۽ ڀينرن جا حصا آهن. هنن الزام لڳايو ته خميسو ڪيترائي ڀيرا مختلف ماڻهن کان زمين جي معاملي ۾ پئسا وٺي چڪو آهي ۽ سندس پاران لڳايل الزام حقيقتن جي ابتڙ آهن. هنن چيو ته معاملي بابت معززين جي موجودگي ۾ پڻ ڳالهيون ٿي چڪيون آهن. ٻنهي ڌرين اختيارين ۽ معززين کان معاملي کي قانوني ۽ شفاف طريقي سان حل ڪرائڻ جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا عوامي سوچ 12

شير خان پاران فقيرآباد ۾ احتجاج مظاهرو فقيرآباد زيد فلپوٽو جي گرفتاري خلاف جسقم شهيد بشير خان پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي جسقم شهيد بشير خان ضلعي جنرل سيڪريٽري زاهد شباڻي نواز شباڻي هيمون راجا پٽي ديشي اظهر چانڊيو سهراب شنباڻي عامر شيخ ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سخت نعريبازي ڪندي چيو ته زيد فلپوٽو کي بيگناهه گرفتار ڪيو ويو آهي جيڪو سراسر ناانصافي آهي احتجاج ڪندڙن چيو ته ڪنهن به شهري کي بنا جاچ ۽ ثبوت جي گرفتار ڪري پريشان ڪرڻ بدران قانوني طريقيڪار اختيار ڪيو وڃي هنن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن زيد فلپوٽو خلاف ڪو ڪيس يا الزام آهي ته ان جي شفاف جاچ ڪرائي حقيقتون سامهون آنديون وڃن پر بيگناهه گرفتارين جو سلسلو بند ٿيڻ گهرجي هنن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته زيد فلپوٽو جي معاملي جو فوري نوٽيس وٺي کيس آزاد ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 13

موجب ايڊيشنل سيشن ڪورٽ مٽياري ۾ وسيم عمراڻي پٽيشن داخل ڪرائي آهي ته منهنجي گهرواري شما عمراڻي کي سندس مائٽن زبردستي قيد ڪيو آهي جنهن تشدد جو نشانو بڻايو پيو وڃي جنهن بعد ڪورٽ سگهوري جي حڪم تحت عمراڻي پاڙي ۾ جاٽايل ڊر کان ناري کي بازياب ڪرائڻ پهتاسين ته جوابدارن حملو ڪري ڏنو جنهن ۾ هڪ پوليس اهلڪار سومار ڪيريو سخت زخمي ٿي پيو جنهن علاج لاءِ سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو آهي. ٻئي طرف اوڏيرولال پوليس موجب ناري شمع کي بازياب ڪرائي ورتو آهي ۽ پوليس تي حملي جو ڪيس 9 ڄڻن خلاف داخل ڪري 3 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي جنهن ۾ غلام رسول. زاهد ۽ انور عمراڻي شامل آهن جنهن کي ڪورٽ سگهوري ۾ پيش ڪري 14 ڏينهن جو ريمانڊ ورتو ويو آهي

بقايا عوامي سوچ 14

سعيد ۽ حسنين رضا لاڪو سان گڏ ڳوٺ جي بااثرن جي مبينا ڏاڍ، جبر ۽ ڌمڪين خلاف دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري پريس ڪانفرنس ڪئي، ان موقعي تي وحيد علي لاڪو الزام هنيو ته سندس 15 ورهين جي نياڻي خالده خاتون کي 4 آگسٽ تي رستي تان قمرالدين پٽ سعيد لاڪير ۽ سندس ساٿين محمد منل لاڪير، برڪت لاڪير، فهد لاڪير، صوف خان سومرو ۽ غلام مصطفيٰ لاڪير زبردستي کڻي ويا، جنهن بعد سندس نياڻي جو قمرالدين لاڪير سان مبينا طور زبردستي نڪاح ڪرايو ويو هن چيو ته واقعي بابت سيتا روڊ ٿاڻي تي اين سي پڻ داخل ٿيل آهي وحيد علي لاڪو موجب سندس نياڻي انين ڪلاس جي شاگرديا آهي ۽ سندس عمر 15 سال آهي، جڏهن ته مبينا طور هٿيارن جي زور تي نڪاح ڪرائي خاندان تي رضا مندي جو بيان ڏيڻ لاءِ دٻاءُ وڌو پيو وڃي، هن الزام لڳايو ته جوابدار کيس ۽ سندس گهرڀاتين کي سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، جنهن سبب هو پنهنجي ٻچن سميت ڳوٺ ڇڏي ٻئي هنڌ پناهه وٺڻ تي مجبور ٿيو آهي، رٽائرڊ فوجي وڌيڪ الزام هنيو ته 15 سال اڳ سندس ڀاءُ اياز لاڪو کي برڪت لاڪير جي اوطاق تان اغوا ڪيو ويو هو، جيڪو اڄ تائين لاپتا آهي، هن خدشو ظاهر ڪيو ته سندس ڀاءُ سان به ڪو ناخوشگوار واقعو پيش آيو هجي، سندس چوڻ هو ته هاڻي سندس نياڻي جي معاملي ۾ به خاندان تي دٻاءُ وڌو پيو وڃي، وحيد علي لاڪو چيو ته سندس خاندان کي ڪنهن به قسم جو نقصان پهتو ته ان جا ذميوار جاٽايل جوابدار هوندا، هن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، انساني حقن جي تنظيمن، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي نينگري کي بازياب ڪرائي، مبينا اغوا ۽ زبردستي نڪاح جي الزام جي شفاف جاچ ڪرائي، ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ سندس خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن مطالبن تي فوري عمل نه ڪيو ويو ته ايس ايس پي دادو جي آفيس آڏو پاڻ کي باهه ڏئي ساڙي انتهائي قدم کڻندس

بقايا عوامي سوچ 15

ڪر: تعلقي ڊيپلو جي مختلف ڳوٺن ڏيڙو، ڏاپڙي، سجائي، سنگلي، واهر، ترڪيار، ڪهرلو، ڪوروڙو، ارجڪ ۽ لسيو جي رهواسين علائقي ۾ مبينا طور غيرقانوني وڻن جي واڍي خلاف پريس ڪلب ڊيپلو آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو. احتجاج ڪندڙن عبدالغني هالو ڏيڙو سوائي ٺڪر سجائي، ميورام ساقي ۽ ٻين چيو ته وڻ ٿر جي ماحول، مال جي چاري ۽ مقامي ماڻهن جي روزگار لاءِ انتهائي اهم آهن، جڏهن ته وڻن جي مبينا واڍي سبب علائقي جي ماحولياتي نظام ۽ مقامي ماڻهن جي مفادن کي نقصان پهچي رهيو آهي. عبدالغني هالو الزام لڳائيندي چيو ته سندس علائقي ۾ لڳ ڀڳ 10 هزار وڻن کي نقصان پهچايو يا وڍيو ويو آهي، جنهن سبب هو سخت پريشان آهن. هن مطالبو ڪيو ته وڻن جي واڍي ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي. ميورام ساقي الزام هنيو ته بااثر ماڻهن جي مبينا اثر رسوخ سبب وڻن جي واڍي جو سلسلو جاري آهي. هن انتظاميا ۽ لاڳاپيل ادارن کي اپيل ڪئي ته وڻن جي تحفظ لاءِ فوري قدم کنيا وڃن ۽ علائقي ۾ وڌيڪ وڻ وڍڻ جو سلسلو روڪيو وڃي. احتجاج ڪندڙن لاڳاپيل جنگلات کاتي ۽ ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته علائقي ۾ وڻن جي مبينا غيرقانوني واڍي جو نوٽيس وٺي، معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ جيڪڏهن ڪا غيرقانوني سرگرمي ثابت ٿئي ته ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. ان موقعي تي قومي امن ڪائونسل آر هيومن رائٽس جي نائب صدر رياض احمد عمراڻي پڻ موجود هو

بقايا عوامي سوچ 16

موجب ايڊيشنل سيشن ڪورٽ مٽياري ۾ وسيم عمراڻي پٽيشن داخل ڪرائي آهي ته منهنجي گهرواري شما عمراڻي کي سندس مائٽن زبردستي قيد ڪيو آهي جنهن تشدد جو نشانو بڻايو پيو وڃي جنهن بعد ڪورٽ سگهوري جي حڪم تحت عمراڻي پاڙي ۾ جاٽايل ڊر کان ناري کي بازياب ڪرائڻ پهتاسين ته جوابدارن حملو ڪري ڏنو جنهن ۾ هڪ پوليس اهلڪار سومار ڪيريو سخت زخمي ٿي پيو جنهن علاج لاءِ سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو آهي. ٻئي طرف اوڏيرولال پوليس موجب ناري شمع کي بازياب ڪرائي ورتو آهي ۽ پوليس تي حملي جو ڪيس 9 ڄڻن خلاف داخل ڪري 3 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي جنهن ۾ غلام رسول. زاهد ۽ انور عمراڻي شامل آهن جنهن کي ڪورٽ سگهوري ۾ پيش ڪري 14 ڏينهن جو ريمانڊ ورتو ويو آهي

بقايا عوامي سوچ 17

ڪري ويو سندس جنازي نماز ۾ شهرين واپارين صحافين سياسي سماجي اڳواڻن ڪانسواءِ ميمڻ برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي کيس ٽنڊو شهر جي قبرستان ۾ مٽي ماءُ جي حوالي ڪيو ويو چونڊيل نمائندن سياسي سماجي اڳواڻن صحافين ايم پي اي تاج محمد ملاح وائس چيئرمين علي اڪبر ميمڻ اڳوڻي آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ٽنڊو شهر جي چيئرمين الطاف حسين ميمڻ سان سندس ڀاءُ جي وفات تي تعزيت جو اظهار ڪيو آهي جڏهن ته چيئرمين الطاف ميمڻ سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا عوامي سوچ 18

جي تعليم متاثر ٿيڻ لڳي خبر موجب ڏيئي لڳ ڳوٺ غلام نبي جروار جو گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول عبدالله خان جروار جي ماسترياڻي رٽائيرڊ ٿيڻ ڪانپوءِ 9 مهينا گذري وڃڻ بعد به تعليم کاتي اسڪول کي ماسترياڻي نه ڏني ڳوٺاڻن نصرالله عزيزالله ۽ اسدالله جروار ۽ شاگردياڻين احتجاج ڪندي گهر ڪئي آهي ته اسڪول کي ماسترياڻي جلد ڏئي اسان جي نياڻين جي تعليم تباهه ٿيڻ کان بچائي وڃي هنن ميڊيا اڳيان ڏانهيندي چيو آهي ته بالا آفيسرن کي درخواستون ڪري ٿڪا آهيون پر ڪو به تدارڪ نٿو ڪيو وڃي هنن وزيرتعليم سيشن جج بدين ۽ انساني حقوق جي تنظيمن کي اپيل ڪئي آهي ته نياڻين جو مستقبل سنوارڻ لاءِ اسان کي ماسترياڻي جلد ڏياري وڃي

بقايا عوامي سوچ 19

مت ۽ فضيلتن جي عنوان سان هڪ پروقار ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ شيعه علماءِ ڪائونسل جي مرڪزي ۽ صوبائي قيادت سميت علما، ڪارڪن ۽ مؤمنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ڪانفرنس جي خصوصي خطاب لاءِ شيعه علماءِ ڪائونسل پاڪستان جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري قبلا علامه ڊاڪٽر شبير حسن ميثمي صاحب 68 ميل پهتا. سندن آمد تي مينگل اسٽاپ تي ريلي جي صورت ۾ شاندار استقبال ڪيو ويو جنهن کان پوءِ کين ريلي جي صورت ۾ مرڪزي امام بارگاهه سجاديہ 68 ميل آندو ويو جتي حضرت ابوطالب عليہ السلام ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي. ڪانفرنس کي خصوصي خطاب ڪندي مرڪزي جنرل سيڪريٽري قبلا علامه ڊاڪٽر شبير حسن ميثمي صاحب حضرت ابوطالب عليہ السلام جي سيرت، عظمت، رسول خدا سان محبت ۽ اسلام لاءِ سندن خدمتن تي تفصيلي روشني وڌي. ڪانفرنس کي شيعه علماءِ ڪائونسل صوبه سنڌ جي صدر علامه سيد اسد اقبال زيدي، علامه محمد رضا جروار، علامه اسد رضا نعيمي ۽ ٻين معزز مقررين پڻ خطاب ڪيو. ان موقعي تي شيعه علماءِ ڪائونسل يونٽ تعلقه دوڙ جي صدر طاهر حسين خاصخيلي، مولانا امتياز علي روحاني، سيد لياقت علي شاهه بخاري، زوار شاهنواز چانڊيو ۽ تعلقه دوڙ جي پريس سيڪريٽري زوار ساجد حسين رند طرفان آيل معزز مرڪزي ۽ صوبائي عهديدارن کي اجرڪون پارائي سنڌي روايتن موجب شاندار استقبال ڪيو ويو. ڪانفرنس جي آخر ۾ شرڪت ڪندڙن لاءِ نياز پڻ تقسيم ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 20

ديرو تعلقا پريس ڪلب پهچي مڙس رشيد چنا جي مبينا تشدد خلاف دانهيندي روئي ڏنو مسمات وحيدان جو چوڻ هو ته مڙس معمولي ڳالهين تان کيس مبينا طور مارڪٽ ڪندو رهي ٿو اڄ صبح چانهه پاڻي ٻارن جي معمولي ڳالهه تان ڪاٺ جي سنڌلي هڻي کيس زخمي ڪيو ۽ سندس مٿي تي زخم رسيا. هن چيو ته هوءَ پنجن ٻارن جي ماءُ آهي ۽ مڙس جي مبينا ظلمن کان تنگ ٿي مجبوراً ميڊيا آڏو پهتي آهي. متاثر عورت وس وارن کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي کيس انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ مڙس کي اهڙي عمل کان روڪڻ لاءِ قانوني پابند ڪيو وڃي، جيئن هوءَ پنهنجي ٻارن جي بهتر نموني سار سنڀال ڪري سگهي. واقعي بابت سوڀوديرو ٿاڻي تي اين سي پڻ داخل ڪئي وئي آهي. متاثر عورت مطالبو ڪيو ته معاملي جي شفاف نموني انڪوائري ڪري قانون موجب انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 21

کين سبب ن سوڀوديرو ميڊيا آڏو پهچي ويو ۽ اعليٰ اختيارين کان تحفظ فراهم ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي. ميڊيا سان ڳالهائيندي بلاول ولد الله رکيو چٽيو ۽ علينا ڌيءُ قربان علي چٽيو دعويٰ ڪئي ته ٻنهي پنهنجي مرضي ۽ باهمي رضامندي سان خيرپور ميرس جي عدالت ۾ شريعت محمدي موجب نڪاح ڪري شادي ڪئي آهي. سندن چوڻ موجب شادي ڪانپوءِ ڪجهه مائٽن طرفان کين مبينا طور سخت دٻاءُ، ڌمڪين ۽ هراسان ڪرڻ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. جوڙي الزام لڳايو ته قربان، وقار، صحبت، غلام محمد، احسان، اصغر ۽ ٻيا ماڻهو مبينا طور سندن خلاف ٿي ويا آهن ۽ کين جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن، جنهن سبب هو پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪري رهيا آهن. بلاول ۽ علينا چيو ته کين خدشو آهي ته جيڪڏهن بروقت تحفظ فراهم نه ڪيو ويو ته ساڻن ڪو ناخوشگوار واقعو پيش اچي سگهي ٿو. هنن اعليٰ اختيارين، ضلعي انتظاميا ۽ پوليس جي لاڳاپيل آفيسرن کان مطالبو ڪيو ته سندن شڪايت جو نوٽيس وٺي کين ۽ سندن خاندان کي قانوني تحفظ فراهم ڪيو وڃي، جڏهن ته مبينا ڌمڪين جي شفاف جاچ ڪرائي قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. پريمي جوڙي وڌيڪ چيو ته هو پنهنجي مرضي ۽ باهمي رضامندي سان شادي ڪانپوءِ پرامن زندگي گذارڻ چاهين ٿا ۽ لاڳاپيل ادارن کان انصاف ۽ تحفظ جا منتظر آهن

بقايا عوامي سوچ 22

و جي خاتمي، ٻارن جي ويڪسينيشن، مائيڪرو پلاننگ ۽ پوليو مهم دوران درپيش مسئلن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عبدالصمد نظاماڻي، ايڊيشنل ڪمشنر ٽو سيد عمار حسين، ضلعي صحت آفيسر ڊاڪٽر مدثر حسين ڊومڪي، ڪميونيڪيشن آفيسر اڪبر علي جوڻيجو سميت صحت کاتي جي آفيسرن، ضلعي پوليو ايمرجنسي آپريشن سينٽرن جي نمائندن، ڊبليو ايڇ او، يونيسيف، پوليس، تعليم، لوڪل گورنمينٽ، پي پي ايڇ آءِ، سوشل ويلفيئر ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي جڏهن ته ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ سارا جاويد، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز محمد مستقيم قريشي ۽ ٻنهي ضلعن جي صحت کاتي جا عملدار وڊيو لنڪ ذريعي اجلاس ۾ شريڪ ٿيا. ان موقعي تي ڪمشنر غلام قادر خان ٽالپر چيو ته پوليو جو خاتمو قومي ذميواري آهي، جنهن لاءِ سمورن لاڳاپيل کاتن کي گڏيل ۽ اثرائتي انداز ۾ ڪم ڪرڻو پوندو. هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته پوليو مهم دوران پنجن سالن کان گهٽ عمر جي هر ٻار تائين رسائي يقيني بڻائي وڃي ۽ ڪو به ٻار پوليو کان بچاءَ جي قطرن کان محروم نه رهي. هن وڌيڪ چيو ته پوليو ٽيمن جي ڪارڪردگي، فيلڊ ۾ موجودگي ۽ مائيڪرو پلان موجب گهر گهر ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا قطرا پيارڻ واري عمل جي مسلسل نگراني ڪئي وڃي، جڏهن ته حساس، درياهي ۽ ڏورانهن علائقن تي خاص ڌيان ڏنو وڃي. ڪمشنر ٽنهي ضلعن جي انتظاميا، پوليس ۽ صحت کاتي جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته پوليو ٽيمن لاءِ سيڪيورٽي جا اثرائتا انتظام ڪيا وڃن ۽ فيلڊ ۾ ڪم ڪندڙ پوليو ورڪرن کي هر ممڪن سهولتون فراهم ڪيون وڃن. هن والدين، استادن، عالمن، سياسي ۽ سماجي نمائندن سميت معاشري جي سمورن طبقن تي زور ڏنو ته پوليو جي خاتمي لاءِ حڪومت سان سهڪار ڪن ۽ والدين کي پنهنجن ٻارن کي هر پوليو مهم دوران پوليو کان بچاءَ جا قطرا پيارڻ لاءِ آگاهه ڪن. اجلاس ۾ بريفنگ ڏيندي ڊويزنل پوليو آفيسر ڊبليو ايڇ او ڊاڪٽر جهانگير ڪورائي ۽ صحت کاتي جي آفيسرن ڪمشنر کي ڊويزن ۾ پوليو جي خاتمي لاءِ جاري قدمن، ٻارن جي ٽريڪنگ، ويڪسين کان رهجي ويل ٻارن جي نشاندهي، انڪاري خاندانن سان رابطن، هاءِ رسڪ علائقن ۽ درياهي توڙي ڏورانهن آبادين تائين پوليو ٽيمن جي رسائي بابت آگاهي ڏني ۽ ٻڌايو ته شهيد بينظيرآباد ڊويزن جي ٽنهي ضلعن ۾ 21 کان 24 سيپٽمبر 2026ع تائين خصوصي پوليو خلاف مهم منعقد ڪئي ويندي. مهم دوران ڊويزن جي 10 لک 10 هزار 449 ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا قطرا پياريا ويندا، جنهن لاءِ 3235 موبائل، 213 فڪسڊ ۽ 91 ٽرانزٽ ٽيمون جوڙيون ويون آهن.

بقايا عوامي سوچ 23

رڊينيشن جو وفاقي وزير سيد مصطفيٰ ڪمال هو جڏهن ته سيد عارف شاهه، سي اي او سامان شفا فائونڊيشن، پروفيسر ڊاڪٽر سيد شاهد نور، چيئرمين سمن شفا فائونڊيشن، ملائيشيا، چين، ترڪي ۽ ٻين ملڪن جا قونصل جنرل، (DRAP) جي چيف ايگزيڪيوٽو ڊاڪٽر عبيدالله ملڪ، ملير يونيورسٽي آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي جي چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر سيد ٽيپو سلطان، ريويو ميڊيڪل ٽيڪنالاجيز جي چيف ايگزيڪيوٽو پروفيسر ڊاڪٽر مرتضيٰ نجابت علي، ڪنيڪٽ ٽيڪ پرائيويٽ لميٽيڊ جي چيف ايگزيڪيوٽو عقيل احمد، چيئرمين انسٽيٽيوٽ آف پاڪستان ميڊيڪل ڊيوائس انڊسٽري (IPMDI) ميجر جنرل (ر) اعجاز غني، سي اي او ڊاڪٽر عيسيٰ ليبارٽري اينڊ ڊائگنوسٽڪ سينٽر ۽ اعزازي ڪمانڊر سرجن ڊاڪٽر فرحان عيسيٰ ۽ زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ شخصيتن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي سامان شفا فائونڊيشن ۽ پاڪستان اليڪٽرو ميڊيڪل سامان ٺاهيندڙن ۽ ورهائيندڙن ايسوسيئيشن (PEMDA) جي وچ ۾ هڪ مفاهمت جي ياداشت تي به صحيحون ڪيون ويون. جڏهن ته طبي ڊوائيسز جي صنعت پاران پيش ڪيل پاليسي سفارشون DRAP کي جمع ڪرائڻ جي منظوري ڏني وئي. ڪانفرنس کي خطاب ڪندي، مهمان خاص، قومي صحت جي خدمتن، ضابطن ۽ رابطن واري وفاقي وزير سيد مصطفيٰ ڪمال، طبي ڊوائيسز جي مقامي پيداوار ڏانهن منتقلي جي حمايت ڪئي ۽ چيو ته عوام کي سستي ۽ معياري صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جي ترجيح آهي. هن چيو ته پاڪستان ۾ طبي ڊوائيسز جي مقامي پيداوار کي فروغ ڏيڻ سان نه رڳو درآمد تي انحصار گهٽجي ويندو پر قيمتي پرڏيهي مٽا سٽا جي بچت به ٿيندي. حڪومت مقامي صنعت جي حوصلا افزائي، جديد ٽيڪنالاجي جي منتقلي ۽ قومي سطح تي معياري طبي ڊوائيسز جي پيداوار لاءِ هر ممڪن مدد فراهم ڪندي. سيد مصطفيٰ ڪمال چيو ته پاڪستان جي انجنيئرن ۽ طبي ڊوائيسز ٺاهڻ وارن ادارن ۾ وڏي صلاحيت آهي، انهن کي سازگار پاليسيون، مناسب سهولتون ۽ مقامي مارڪيٽ تائين بهتر رسائي فراهم ڪرڻ جي ضرورت آهي. سرڪاري اسپتالن ۾ مقامي طور تي تيار ڪيل معياري طبي سامان کي ترجيح ڏيڻ سان ملڪي صنعت کي فروغ ملندو ۽ مريضن کي گهٽ قيمت تي بهتر طبي سهولتون فراهم ٿينديون. ان موقعي تي، سامان شفا فائونڊيشن جي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر سيد شاهد نور چيو ته هڪ ملڪ جيڪو پنهنجي آسمان جو دفاع ڪري سگهي ٿو اهو پنهنجا وينٽيليٽر به ناهي سگهي ٿو. پاڪستان ٽيڪنالاجي جي مسئلي کي نه پر پاليسي جي فرق کي منهن ڏئي رهيو آهي. هن چيو ته اسان جي انجنيئرن طبي سامان تيار ڪيو آهي ۽ DRAP انهن کي منظور ڪيو آهي. هاڻي اها اسان جي ذميواري آهي ته هڪ قومي پاليسي تيار ڪريون جيڪا مارڪيٽ جي ضمانت ڏئي، ٽيڪسن کي معقول بڻائي ۽ ريگيوليٽري عمل کي آسان بڻائي. ان کان سواءِ اسان اهڙيون شيون درآمد ڪندا رهنداسين جيڪي اسان وٽ پاڻ تيار ڪرڻ جي مڪمل صلاحيت هجي. پروفيسر ڊاڪٽر سيد شاهد نور چيو ته سامان شفا فائونڊيشن هاڻي هن پاليسي سازي جي عمل جو هڪ سرڪاري حصو بڻجي چڪي آهي. ڪانفرنس جي موقعي تي ڳالهائيندي، سامان شفا فائونڊيشن جي سي اي او عارف شاهه چيو ته اسان مقامي طور تي تيار ڪيل شين جي حمايت ڪريون ٿا جيڪي عالمي معيار جي گهرجن کي پورو ڪن ٿيون ۽ اسان چاهيون ٿا ته هي شعبو ڪامياب ٿئي. تيار ٿيندڙ طبي ڊوائيس هر وقت قابل اعتماد ڪارڪردگي ڏيکاري. هن چيو ته طبي ڊوائيسز جي گهريلو پيداوار نه رڳو نئين صنعتن جي قيام جو سبب بڻجندي پر روزگار جا موقعا پڻ پيدا ڪندي ۽ عوام کي تمام مناسب قيمت تي بهترين صحت جي سهولتن تائين رسائي فراهم ڪندي، جڏهن ته پرڏيهي مارڪيٽ تي انحصار کي به گهٽائيندي.

بقايا عوامي سوچ 24

. پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ هن چيو ته جيتوڻيڪ يمن جي حوثين مڪي مڪرمه تي ڊرون حملي جي ڪوشش واري ميڊيا ۾ آيل خبرن جي ترديد ڪندي انهن کي ڪوڙ تي ٻڌل قرار ڏنو آهي، پر اها هڪ حقيقت آهي ته حرمين شريفين تمام مسلمانن لاءِ اها ريڊ لائين آهي جنهن کي پار ڪرڻ جي ڪنهن کي به اجازت نٿي ڏئي سگهجي. هن چيو ته مسلم ملڪن ۽ انهن سان لاڳاپيل پراڪسي گروپن کي پاڻ ۾ جنگ بند ڪري اصل دشمن يعني صهيوني رياست خلاف ڪارروائي ڪرڻ گهرجي. شجاع الدين شيخ ايران کي اپيل ڪئي ته هو نه صرف حوثين کي مبينا طور حرمين شريفين کي ٽارگيٽ ڪرڻ کان روڪي پر پاڻ مڪي معاهدي جو حصو بڻجي مسلم ملڪن جي وچ ۾ جاري گهرو ويڙهه ختم ڪرائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. هن وڌيڪ چيو ته ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ڪو به مسلم ملڪ ڪنهن عالمي طاقت جو اوزار نه بڻجي پر سڀئي مسلم ملڪ پاڻ ۾ متحد ٿي اصل دشمن يعني ناجائز صهيوني رياست اسرائيل، جنهن غزا تي وري بمباري شروع ڪري ڏني آهي، ۽ آمريڪا خلاف سياسي، سفارتي، معاشي ۽ پوءِ عسري سطح تي متحد ٿيڻ لاءِ عملي قدم کڻن. هن چيو ته دنياوي تباهي ۽ آخرت جي خراب انجام کان بچڻ لاءِ ائين ڪرڻ ناگزير آهي

بقايا عوامي سوچ 25

ڪرڻ واري واقعي خلاف صحافين ۽ مختلف سياسي، سماجي ۽ مذهبي اڳواڻن پاران سخت احتجاج ڪيو ويو. مبينا حملي دوران صحافي عرفان عالماڻي زخمي ٿي پيو جڏهن ته ميڊيا سينٽر جي سامان کي نقصان پهچائڻ ۽ موبائل فون سميت قيمتي سامان کڻي وڃڻ جو ذميوار قرار ڏنو آهي واقعي خلاف ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ صحافين عرفان عالماڻي، منان چانڊيو، مهراڻ گهمرو، جنيد گهمرو، باغي ساگر نبي بخش خاصخيلي ۽ دلدار سيلرو سان گڏ سنڌ عوامي سٽ جي مرڪزي اڳواڻ رياض ڪيميتيو، جسقم جي اڳواڻ ڪامريڊ شبير راڄپر، سنڌ دوست فورم جي چيئرمين آغا شاهه زمان، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ايسٽ جي صدر واحد مغيري، پي ٽي آءِ اڳواڻ آفتاب گوپانگ، علماءِ ايسوسيئيشن جي اڳواڻ علامه قائم الدين قادري، ستار ڏاهري، فرحان سومرو، مجيب چولياڻي، وڪيل رياض ڪانڌڙو، وڪيل ڪاشف سهتو، آصف خان، ديدار جلباڻي، وڪيل لقمان پنهور ۽ رضوان شيخ جي اڳواڻي ۾ سچل ٿاڻي اڳيان احتجاج ڪيو ويو احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته پوليس واقعي ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، جنهن تي مظاهرين پاران صفوران چورنگي تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪيو ويو، جنهن سبب علائقي ۾ ٽريفڪ جي رواني متاثر ٿي ۽ گاڏين جون قطارون لڳي ويون. ان موقعي تي متاثر صحافين چيو ته عمران شيخ، امان الله ڪوسو ۽ اظهر آرائين مبينا طور تي ساٿين سان گڏجي ميڊيا سينٽر تي حملو ڪيو ۽ صحافين کي سخت تشدد جو نشانو بڻايو. سندن دعويٰ موجب جوابدارن ڌمڪيون ڏيندي چيو ته "توهان اسان خلاف مسلسل خبرون هلائي رهيا آهيو جنهن ڪري توهان کي نه ڇڏينداسين." صحافين وڌيڪ چيو ته جاٽايل ماڻهن پاران علائقي ۾ غريب ماڻهن جي روزگار کي متاثر ڪرڻ ۽ مبينا طور ڀتي خوري لاءِ دٻاءُ وجهڻ جون شڪايتون پڻ سامهون اچي رهيون آهن. احتجاج ڪندڙن چيو ته هو پنهنجي حقن ۽ صحافين جي تحفظ لاءِ سڄو ڏينهن ۽ رات احتجاج جاري رکڻ تي مجبور آهن. پر ان باوجود پوليس پاران مبينا حملي جو ڪيس داخل نه ڪيو ويو آهي مظاهرو ڪندڙن مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري طور نوٽيس وٺي مبينا جوابدارن خلاف قانون موجب ڪيس داخل ڪيو وڃي، زخمي صحافي کي انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ ميڊيا سينٽر کي پهتل نقصان جو ازالو ڪرايو وڃي. هنن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن پوليس پاران ڪيس داخل ڪري قانوني ڪارروائي نه ڪئي وئي ۽ نقصان جو ازالو نه ڪيو ويو ته سچل ٿاڻي سميت سنڌ جي مختلف علائقن ۾ مبينا طور بدمعاشي ڪندڙ ملازمن خلاف احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 26

ندڙ ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو تفصيل موجب مسلسل ادارن ۾ نيوز نشر ٿيڻ تي ٿاڻو نيو پنڊ سکر جي حدن ۾ جوا هلائيندڙ ٽن جوابدارن کي ايس ايڇ او علي رضا مهر گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدارن ۾ مرزا ياسين بيگ ولد مرزا نسيم بيگ مغل، شير محمد ولد شفيع محمد چنو ولي محمد ولد جگن سنجراڻي، رهائشي نيو پنڊ سکر جا رهائيشي آهن. جوابدارن جي قبضي مان نقد رقم هٿ، انهن خلاف ٿاڻو نيو پنڊ سکر ۾ ڪرائم نمبر 150/2026، دفعات 294_A، 295_B ۽ 5/6 G ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا عوامي سوچ 27

اٿين تي رحم نه آيو. هيڊ ماستر علي رضا لاڙڪ جو احتجاج علي رضا لاڙڪ بيان ۾ چيو آهي ت 600 ملازمن جي نمائندا تنظيم لسوا به ملازمن جي نياڻين سان ٿيندڙ اهڙي ظلم خلاف خاموش ۽ آواز بلند نه ڪيو. اليڪشن ۾ ملازمن سان واعدا ڪندڙ تنظيم اليڪشن کٽي اچڻ ڪانپوءِ ملازمن جي وڏي کان وڏي مسئلي کي حل ڪرڻ کان لا تعلق بڻيل آهي. 200 جي لڳ ڀڳ لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي جي ملازمن جو نياڻيون گورنمينٽ گرلس اسڪول ۾ تعليم پرائي رهيون آهن پر نه لسوا تنظيم ڪو ٻوٿو ٻاريو نه ئي يونيورسٽي ڪو تدارڪ ڪيو. سخت گرمي ۾ به بجلي اٽلپ، اسڪول جو ڪاروهنوار متاثر، بجلي نه هئڻ سبب شاگرديائيون ٿڌي پاڻي جي لاءِ به پريشان. وس وارن کي گذارش آهي ته لمس يونيورسٽي جي ملازمن تي رحم ڪيو وڃي ۽ اسڪول ۾ ايڪسپريس لائين ڏني وڃي. علي رضا لاڙڪ هيڊ ماسٽر گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول لمس ڪالوني ڄامشورو.

بقايا عوامي سوچ 28

ان سلسلي ۾ نئين ناظم آباد کان منگهوپير ٽاڻي تائين مڪ شاهراهه کي موٽر ايبل بڻائڻ لاءِ جاري ڪم جو ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي پاڻ جاءِ تي پهچي معائنو ڪيو ۽ ڪم جي اڳڀرائي، رفتار ۽ معيار جو تفصيلي جائزو ورتو. حاجي نواز علي بروهي جاري ترقياتي ڪم جي مختلف مرحلن جو جائزو ورتو ۽ لاڳاپيل ذميوارن کان ڪم جي اڳڀرائي ۽ موجوده صورتحال بابت تفصيل معلوم ڪيا. هن زور ڀريو ته روڊ کي موٽر ايبل بڻائڻ واري ڪم ۾ معيار ۽ پائيداري کي هر صورت ۾ اوليت ڏني وڃي ۽ تعميراتي عمل دوران ڪنهن به قسم جي غفلت يا ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي، ته جيئن شهرين کي بهتر ۽ ڊگهي مدي واري سفري سهولت فراهم ٿي سگهي. معائني دوران چيئرمين حاجي نواز علي بروهي اتي موجود شهرين سان پڻ سڌي ريت ملاقات ڪئي. هن شهرين کان علائقي ۾ آمدرفت جي صورتحال، پيش ايندڙ مشڪلاتن ۽ ٻين بنيادي مسئلن بابت پڇا ڳاڇا ڪئي. ان موقعي تي هن شهري کي ضروري هدايتون جاري ڪيون. هن چيو ته عوامي مسئلن جي حل لاءِ ضروري آهي ته شهرين سان سڌو رابطو برقرار رکيو وڃي ۽ ترقياتي منصوبن بابت سندن راءِ کي پڻ اهميت ڏني وڃي، ڇاڪاڻ ته ڪنهن به ترقياتي ڪم جو بنيادي مقصد عوام کي عملي ۽ ڊگهي مدي واري سهولت فراهم ڪرڻ آهي. هن چيو ته نئين ناظم آباد کان منگهوپير ٽاڻي تائين مڪ شاهراهه علائقي جي هڪ اهم گذرگاهه آهي، جتان روزانو وڏي انگ ۾ شهرين جي آمدرفت ٿيندي آهي. شاهراهه کي موٽر ايبل بڻائڻ سان نه رڳو شهرين کي آمدرفت ۾ آساني ٿيندي، پر روزاني سفري مشڪلاتن ۾ پڻ گهٽتائي ايندي ۽ ٽريفڪ جي رواني کي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملندي. چيئرمين حاجي نواز علي بروهي جو چوڻ هو ته منگهوپير ٽائون جي عوام کي بهتر بنيادي شهري سهولتون فراهم ڪرڻ سندس ترجيحن ۾ شامل آهي. روڊن جي بهتري سان گڏ صفائي سترائي، سيوريج ۽ ٻين بنيادي شهري مسئلن جي حل لاءِ پڻ ضرورت موجب قدم کنيا پيا وڃن. هن چيو ته جاري ترقياتي منصوبن جي نگراني جو مقصد اهو يقيني بڻائڻ آهي ته عوامي وسيلن سان ٿيندڙ ڪم معيار مطابق مڪمل ٿين ۽ انهن جا فائدا سڌي ريت شهرين تائين پهچن. هن چيو ته ترقياتي ڪم صرف دفتري فائلن ۽ ڪاغذي ڪارروائي تائين محدود نه هجڻ گهرجن، پر انهن جا نتيجا عملي طور تي زمين تي پڻ نظر اچڻ گهرجن. ان ڪري هو پاڻ مختلف علائقن ۾ پهچي جاري منصوبن جو معائنو ڪري رهيو آهي، لاڳاپيل ذميوارن کان ڪم جي صورتحال بابت معلومات حاصل ڪري رهيو آهي ۽ شهرين سان سڌو رابطو ڪري سندن راءِ ۽ مسئلن کان آگاهي حاصل ڪري رهيو آهي. حاجي نواز علي بروهي لاڳاپيل ذميوارن کي هدايت ڪئي ته نئين ناظم آباد کان منگهوپير ٽاڻي تائين مڪ شاهراهه کي موٽر ايبل بڻائڻ واري ڪم کي مقرر رفتار سان اڳتي وڌايو وڃي ۽ ڪم جي هر مرحلي ۾ معيار ۽ پائيداري کي يقيني بڻايو وڃي. هن واضح ڪيو ته عوامي سهولت سان لاڳاپيل ڪنهن به ترقياتي ڪم ۾ معيار تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو ۽ ڪم کي بهتر نموني مڪمل ڪرڻ لاءِ سمورا ضروري قدم کنيا ويندا. هن وڌيڪ چيو ته منگهوپير ٽائون جي مختلف علائقن ۾ عوامي ضرورتن ۽ ترجيحن کي نظر ۾ رکندي ترقياتي ڪمن جو سلسلو جاري رکيو ويندو. شهرين کي بهتر روڊ، بنيادي سهولتون ۽ بهتر شهري ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ موجود وسيلن کي مؤثر نموني استعمال ڪيو پيو وڃي. جڏهن ته عوامي مسئلن جي حل لاءِ موقعي تي پهچي انهن جي نشاندهي ۽ ازالي جو عمل پڻ جاري رکيو ويندو. ان موقعي تي شهرين چيئرمين حاجي نواز علي بروهي سان پنهنجن مسئلن ۽ تجويزن بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ جاري ترقياتي ڪم بابت پنهنجي راءِ پڻ پيش ڪئي. حاجي نواز علي بروهي شهرين کي يقين ڏياريو ته سندن مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي لاڳاپيل ذميوارن وسيلي حل ڪرڻ لاءِ قدم کنيا ويندا ۽ نئين ناظم آباد کان منگهوپير ٽاڻي تائين مڪ شاهراهه کي موٽر ايبل بڻائڻ واري ڪم جي نگراني پڻ لڳاتار جاري رکي ويندي

نمائندا گهرجن
هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

سنڌ بئنڪ صالح پٽ ۾ ٻوڏ متاثرن جون دانهون

رش نه هئڻ باوجود ايجنٽن جو مبينا راڄ: بئنڪ اندر داخلا کان روڪڻ ۽ امدادي رقم بابت سنگين شڪايتون

بئنڪ تي اينڊز بينيفشريز جو تعداد ٿورو هئڻ ۽ خاص رش نه هجڻ باوجود به ڪين ايجنٽ ڪانسواءِ بئنڪ اندر داخل ٿيڻ ۾ رڪاوٽون پيش اچن ٿيون

ٻوڏ متاثر ماڻهو پنهنجا جائز بئنڪنگ معاملا سڌي ريت بئنڪ عملي سان حل ڪرائڻ بدران مبينا طور تي ايجنٽن جي معرفت ڪم ڪرائڻ تي مجبور ٿين ٿا

صالح پٽ (رپورٽ: غلام نبي ميرجت): سنڌ بئنڪ صالح پٽ برانچ ۾ ٻوڏ متاثر بينيفشريز کي مبينا طور تي درپيش ڏکيائين، بئنڪنگ سهولتن جي کوٽ ۽ ايجنٽن جي مبينا وچولي ڪردار بابت سنگين شڪايتون سامهون اچي وي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

يونين ڪائونسل 6 ٽائون ڪميٽي جئي شاهه ۾ اربن هيلٿ سينٽر جي نئين عمارت جي درخواست، ميئر پاران بيسڪ هيلٿ سينٽر بڻائڻ جي خاطري

درخواست تي سکر جي ميئر ارسلان اسلام شيخ اربن هيلٿ سينٽر جي خسته حالي، علائقي جي وڌندڙ آبادي ۽ عوامي ضرورتن کي نظر

نئين عمارت جي تعمير سان گڏ اربن هيلٿ سينٽر کي بيسڪ هيلٿ سينٽر بڻائڻ جي به خاطري ڪرائي

نئين عمارت جي تعمير سان گڏ اربن هيلٿ سينٽر کي بيسڪ هيلٿ سينٽر بڻائڻ جي به خاطري ڪرائي

سکر (بيورو چيف قاسم بيگ ملڪ) تفصيل موجب ٽائون جئي شاهه سکر جي يونين ڪائونسل 6 جي چيئرمين نثار احمد قريشي علائقي جي عوام کي صحت جون بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ اربن هيلٿ سينٽر جي پراڻي ۽ خست/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

ويزن فار ايجوڪيشن فائونڊيشن (V4E) جي سهڪار سان حيدرآباد ۾ لائيو سرجري ورڪشاپس منعقد

جن ۾ برطانيا مان ايندڙ ماهر سرجن 22 کان 24 سيپٽمبر 2026ع تائين جديد ترين ڪارنيئل ۽ ليڪريمل سرجري جي تربيت فراهم ڪندا

24 سيپٽمبر 2026ع تائين SIOVS ڪيمپس ۾ ٻن لائيو سرجري ورڪشاپس جو اهتمام ڪري رهيو آهي

سکر (بيورو چيف قاسم بيگ ملڪ) سنڌ انسٽيٽيوٽ آف آٿالمولوجي اينڊ ويزول سائنسز (SIOVS) ۽ ويزن فار ايجوڪيشن فائونڊيشن (V4E)/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

سنڌ جي مقامي حڪومت کاتي ميرپورخاص شهر لاءِ ٻه جديد اسنارڪل فائر برگيڊ گاڏيون فراهم ڪيون

جيڪي ميئر عبدالرؤف غوري جي حوالي ڪيون ويون. ان موقعي تي، ميئر سنڌ جي مقامي حڪومت کاتي جو شڪريو ادا ڪيو

جديد گاڏين جي فراهمي شهر ۾ ڪنهن به هنگامي صورتحال، خاص طور تي باهه جي واقعن کي مؤثر طريقي سان منهن ڏيڻ ۾ مدد ڪندي

ميرپورخاص جي وڌندڙ آبادي، گنجان آباد علائقن ۽ بلند و بالا پلازن جي تعمير جي ڪري، فائر برگيڊ کي هنگامي حالتن ۾ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو) ميئر عبدالرؤف غوري جي درخواست تي، سنڌ جي مقامي حڪومت کاتي ميرپورخاص شهر لاءِ ٻه جديد اسنارڪل فائر برگيڊ گاڏيون فراهم ڪيون آهن. جيڪي ميئر عبدالرؤف غوري جي حوالي ڪيون ويو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

جنگشاهي گورنمنٽ بوائز پرائمري اسڪول سبز علي بروهي ۾ سهولتن ۽ استادن جي کوٽ خلاف احتجاج

استادن جي کوٽ خلاف شاگردن ۽ ڳوٺاڻن پاران احتجاج ڪيو ويو. احتجاج دوران شاگردن "استاد ڏيو، تعليم بچايو" جا نعرا هنيا

جنگشاهي ڪوهستان ۾ سڀ کان وڌيڪ انرولمينٽ رکندڙ اسڪولن مان هڪ، گورنمنٽ بوائز پرائمري اسڪول سبز علي بروهي آهي

شاگردن جي وڏي انگ باوجود اسڪول ۾ گهربل تعداد ۾ استاد مقرر ناهن، جنهن سبب ٻارڙن جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي

جنگشاهي: (رپورٽر) جنگشاهي گورنمنٽ بوائز پرائمري اسڪول سبز علي بروهي ۾ سهولتن ۽ استادن جي کوٽ خلاف احتجاج جنگشاهي: گورنمنٽ بوائز پرائمري اسڪول ڳوٺ سبز علي بروهي ۾ بنيادي سهولتن ۽ استادن جي کوٽ خلاف /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

گورنمنٽ بوائز پرائمري اسڪول سبز علي خان بروهي

روهڙي ۾ مين گئس لائنن مان مبينا چوري جو نيٽ ورڪ پڪڙجڻ جي دعويٰ

چئن انچن واري مين سپلاءِ لائنن ۾ مبينا طور سوراخ ڪري درجنين گهرن تائين غيرقانوني طريقي سان گئس پهچائڻ واري نيٽ ورڪ جو انڪشاف

سوئي گئس انتظاميا جديد فني اوزارن ۽ مسلسل نگراني ذريعي مبينا گئس چوري جو سراغ لڳائڻ جي دعويٰ

سپلاءِ لائن مان مبينا طور سوراخ ڪري پائپ لڳائي ڪيترن ئي گهرن کي غيرقانوني ڪنيڪشن ذريعي گئس فراهم ڪئي پئي وئي

روهڙي (رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي ۾ مين گئس لائنن مان مبينا چوري جو نيٽ ورڪ پڪڙجڻ جي دعويٰ، درجنين گهرن جا غيرقانوني ڪنيڪشن ڪاٽيا ويا تفصيل موجب روهڙي شهر جي مختلف علائقن ۾ سوئي گئس جي چئن انچ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ميرپورخاص ۾ ترقي ماڻيندڙ سب انسپيڪٽرز ۽ اسسٽنٽ سب انسپيڪٽرز جي رينڪ پننگ تقريب

ميرپورخاص رينج جي ڊي آءِ جي پي آفيس ۾ ترقي ماڻيندڙ سب انسپيڪٽرز (SIPs) ۽ اسسٽنٽ سب انسپيڪٽرز (ASIs) جي رينڪ پننگ تقريب منعقد ڪئي وئي

ڊي ايس پي آپريشن راجا فرخ ترقي ماڻيندڙ پوليس آفيسرن جي ڪلهن تي نيون رينڪس لڳايون ۽ کين مبارڪباد ڏني

ان موقعي تي ڊي آءِ جي ميرپورخاص رينج ڪيپٽن (ر) فيصل عبدالله چاچڙ ترقي ماڻيندڙ آفيسرن کي مبارڪباد

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ميرپورخاص ۾ ترقي ماڻيندڙ سب انسپيڪٽرز ۽ اسسٽنٽ سب انسپيڪٽرز جي رينڪ پننگ تقريب ميرپورخاص رينج جي ڊي آءِ جي پي آفيس ۾ ترقي ماڻيندڙ سب انسپيڪٽرز (SI)/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7



حضرت سيد امير شاهه جيلاني رح پوٽو پيران پير عبدالقادر جيلاني رح جن جو ساليانو ٽن ڏينهن وارو عرس مبارڪ ميلو

21 سيپٽمبر، 6، 7، 8، ربيع الثاني تي ڳجي شهر کان 8 ڪلو ميٽر جنگشاهي روڊ سندس آخري آرام گاهه تي نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهايو پيو وڃي

جنهن ۾ درگاهه جي خدمتگارن غلام قادر جوڪيو ۽ سندس فرزند حافظ صدام حسين جوڪيو پاران عرس مبارڪ ميلي جون تياريون آخري مرحلي ۾ اچي چڪيون

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) جنگشاهي لڳ درگاهه حضرت سيد امير شاهه جيلاني رح پوٽو پيران پير عبدالقادر جيلاني رح جن جو ساليانو ٽن ڏينهن وارو عرس مبارڪ ميلو تاريخ 19، 20، 21 سيپٽمبر، 6، 7، 8، ربيع الثاني تي ڳجي شهر کان 8 ڪلو ميٽر جنگشاهي روڊ سندس آخري آرام گاهه تي نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهايو پيو وڃي، جنهن ۾ درگاهه جي خدمتگارن غلام/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

ڊيئي لڳ تعلقي ٽنڊي باگي جي گرلس پرائمري اسڪول عبدالله خان جروار کي 9 مهينن کان ماسترياڻي نه ملي

ڳوٺاڻن نصرالله عزيزالله ۽ اسدالله جروار ۽ شاگردياڻين احتجاج

اسڪول کي ماسترياڻي جلد ڏئي اسان جي نياڻين جي تعليم تباهه ٿيڻ کان بچائي وڃي

بدين (رجب راهمون) ڊيئي لڳ تعلقي ٽنڊي باگي جي گرلس پرائمري اسڪول عبدالله خان جروار کي 9 مهينن کان ماسترياڻي نه ملي 70 نياڻين/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمب18

پرائمري استاد خالد حسين ميمڻ گڙدن جي عارضي سبب لاڏاڻو ڪري ويو

جنازي نماز ۾ شهرين واپارين صحافين سياسي سماجي اڳواڻن کانسواءِ ميمڻ برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت

کيس ننڊوشهر جي قبرستان ۾ مٽي ماءُ جي حوالي ڪيو ويو

بدين (رجب راهمون) روزاني عبرت ننڊو شهر جي چيئرمن الطاف حسين ميمڻ جو وڏو ڀاءُ پرائمري استاد خالد حسين ميمڻ گڙدن جي عارضي سبب لاڏاڻو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

اڏيرولال وليج شهر ۾ عمراڻي پاڙي اندر پوليس ۽ عمراڻي برادري ۾ جهيڙو هڪ پوليس اهلڪار زخمي

ايڊيشنل سيشن ڪورٽ مٽياري ۾ وسيم عمراڻي پٽيشن داخل ڪرائي آهي

منهنجي گهرواري شما عمراڻي کي سندس مائٽن زبردستي قيد ڪيو آهي

اوڏيرولال (رپورٽ ثاقب نور ساهووال) اڏيرولال وليج شهر ۾ عمراڻي پاڙي اندر پوليس ۽ عمراڻي برادري ۾ جهيڙو هڪ پوليس اهلڪار زخمي پوليس/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

ڊيپلو تعلقي ۾ وڻن جي ناسي، ڪاٺ مافيا ڳوٺاڻن خلاف رڻ ٻاري ڏنا، خودڪشي ڪرڻ جي ڌمڪي

مبينا طور غيرقانوني وڻن جي واڍي خلاف پريس ڪلب ڊيپلو آڏو احتجاجي مظاهرو

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) ڊيپلو تعلقي ۾ وڻن جي ناسي، ڪاٺ مافيا ڳوٺاڻن خلاف رڻ ٻاري ڏنا، خودڪشي ڪرڻ جي ڌمڪي ڊيپلو، ٿرپار/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

سيتا اسٽيشن پرسان 15 ورهين جي نينگري اغوا ڪري زبردستي نڪاح ڪرائڻ جو الزام

رٽائرڊ فوجي جو احتجاج جوابدارن پاران ڌمڪين سبب گهرياتين سميت لڏي وڃي پناهه وٺڻي پئي

نياڻي ۽ خاندان کي تحفظ ڏئي ڪيس داخل ڪري جوابدار گرفتار ڪيا وڃن: وحيد علي لاکو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) سيتا اسٽيشن پرسان ڳوٺ محبت خان لاکير جي رهواسي رٽائرڊ فوجي وحيد علي لاکو پنهنجي گهرواري صفوران ۽ پٽن/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

DPC
دادو پريس ڪلب ضلع دادو
Mr. Journalist

اڏيرولال وليج شهر ۾ عمراڻي پاڙي اندر پوليس ۽ عمراڻي برادري ۾ جهيڙو هڪ پوليس اهلڪار زخمي

ايڊيشنل سيشن ڪورٽ مٽياري ۾ وسيم عمراڻي پٽيشن داخل ڪرائي آهي

منهنجي گهرواري شما عمراڻي کي سندس مائٽن زبردستي قيد ڪيو آهي

اوڏيرولال (رپورٽ ثاقب نور ساهووال) اڏيرولال وليج شهر ۾ عمراڻي پاڙي اندر پوليس ۽ عمراڻي برادري ۾ جهيڙو هڪ پوليس اهلڪار زخمي پوليس /ڏسو صفحو 3 بقايا نمب13

ڪامريڊ زيد فلپوٽو جي گرفتاري خلاف جسقم شهيد بشير خان پاران فقيرآباد ۾ احتجاج مظاهرو

زاهد شباڻي نواز شباڻي هيمون راجا پتي ديشي اظهر چانڊيو سهراب شنباڻي عامر شيخ ڪئي

زيد فلپوٽو کي بيگناهه گرفتار ڪيو ويو آهي جيڪو سراسر ناانصافي آهي احتجاج ڪندڙن

گمبٽ(رپورٽ ر) گمبٽ لڳ فقيرآباد ۾ جسقم تعلقه خيرپور جي جنرل سيڪريٽري ڪامريڊ زيد فلپوٽو جي گرفتاري خلاف جسقم شهيد ب/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمب12

سونڊا ۾ اباڻي زرعي زمين تان مبينا بي دخلي جو تڪرار

سونڊا پرسان ڳوٺ غلام محمد نينگا ۾ ڀائرن ۽ ڀينرن وچ ۾ اباڻي زرعي زمين جي حصي تان تڪرار سامهون آيو

ڪيس سندس اباڻي زرعي زمين مان مبينا طور بي دخل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو)سونڊا ۾ اباڻي زرعي زمين تان مبينا بي دخلي جو تڪرار، ٻنهي ڌرين جا هڪٻئي تي الزام سونڊا پرسان ڳوٺ غلام محمد ٺ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

جنگشاهي سميت پوري ڪوهستاني پٽي ۾ تيز برساتون نه پوڻ ڪري ڏڪاري حالتون شروع ٿي ويون

کوهن جو ڪارو پاڻي ٽيڻ سان گڏ چوپائي مال جو چارو ختم ٿيڻ ڪري چوپايو مال بک ۽ اڃ وگهي پاهه ٿيڻ لڳو

صحت، تعليم، روزگار، روڊ، رستي، بجلي سميت سمورين بنيادي سهولتن ڏيارڻ جي گهر ڪري ڇڏي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) تعلقي ٺٽي جي ڪوهستاني يوسي جهمپير، جنگهڙي، جنگشاهي سميت پوري ڪوهستاني پٽي ۾ تيز برساتون /ڏسو صفحو 3 بقايا نمب10

عبدالحميد پنهور پاران ضلعي ڪائونسل ٺٽي طرفان هر فوتي جي وارثن کي 2/2 لک روپيا مالي امداد ڏيڻ جو اعلان

افسوسناڪ واقعي ۾ زخمي ٿيل ماڻهن جو بهتر نموني علاج ڪرائڻ لاءِ پڻ هر ممڪن سهڪار ڪرڻ جي خاطري

انساني جانين جو نقصان ڪنهن به صورت ۾ پورو نٿو ڪري سگهجي : عبدالحميد پنهور

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ڪجهه ڏينهن اڳ ٺٽي پرسان 103 موري لڳ ڳوٺ عيسيٰ پنهور ۾ ٽريڪٽر ٽالي پاران بجلي جي تارن سان ٽڪرائ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمب9

شيعه علماءِ يونٽ 68 ميل، تعلقه دوڙ طرفان حضرت ابوطالب عليه السلام ڪانفرنس جو انعقاد

شيعه علماءِ يونٽ 68 ميل، تعلقه دوڙ طرفان حضرت ابوطالب عليه السلام جي عظمت ۽ فضيلتن جي عنوان سان هڪ پروقار ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي

شيعه علماءِ يونٽ 68 ميل، تعلقه دوڙ طرفان حضرت ابوطالب عليه السلام جي عظمت ۽ فضيلتن جي عنوان سان هڪ پروقار ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي

صوبائي عهديدارن جي اجرڪون پارائي سنڌي روايتن موجب شاندار استقبال ڪيو ويو ڪانفرنس جي آخر ۾ شرڪت ڪندڙن لاءِ نياز پڻ تقسيم ڪيو ويو

68 ميل (رپورٽ ڪاشف علي رند) شيعه علماءِ يونٽ 68 ميل، تعلقه دوڙ طرفان حضرت ابوطالب عليه السلام ڪانفرنس جو انعقاد (تعلقو دوڙ) شيعه علماءِ يونٽ 68 ميل، تعلقه دوڙ طرفان حضرت ابوطالب عليه السلام جي عظ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمب19

سوڀوديرو: مڙس جي مبينا تشدد خلاف عورت ميڊيا وارن وٽ پهچي دانهيندي روئي ڏنو

ماءُ نجما ۽ ڀاءُ شڪيل چنا سان گڏ سوڀوديرو تعلقا پريس ڪلب پهچي مڙس رشيد چنا جي مبينا تشدد خلاف دانهيندي روئي ڏنو

اڄ صبح چانهه پاڻي ٻارن جي معمولي ڳالهه تان ڪاٺ جي سنڌلي هٽي ڪيس زخمي ڪيو ۽ سندس مٿي تي زخم رسيا

متاثر عورت مطالبو ڪيو ته معاملي جي شفاف نموني انڪوائري ڪري قانون موجب انصاف فراهم ڪيو وڃي

سوڀوديرو (رپورٽر) سوڀوديرو: مڙس جي مبينا تشدد خلاف عورت ميڊيا وارن وٽ پهچي دانهيندي روئي ڏنو سوڀوديرو تاڻي جي حد ڳوٺ محمد ابراهيم چنا جي رهواسڻ مسمات وحيدان پنهنجي ماءُ نجما ۽ ڀاءُ شڪيل چنا سان گڏ سوڀو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

شادي شده جوڙي جو تحفظ لاءِ ميڊيا آڏو احتجاج مبينا ڌمڪين جو الزام

سوڀوديرو ميڊيا آڏو پهچي ويو ۽ اعليٰ اختيارين کان تحفظ فراهم ڪرڻ جي اپيل

شادي ڪانپوءِ پرامن زندگي گذارڻ چاهين ٿا ۽ لاڳاپيل ادارن کان انصاف ۽ تحفظ جا منتظر آهن

سوڀوديرو(رپورٽر)خيرپور ميرس جي تعلقي سوڀوديرو جي ڳوٺ لال بخش جا رهواسي هڪ شادي شده جوڙو مبينا طور جان کي لاحق خطرن ۽ ڌم/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن غلام قادر خان ٽالپر جي صدارت هيٺ ڊويزنل ٽاسڪ فورس پوليو بابت اجلاس

خصوصي پوليو مهم دوران مقرر ڪيل ٽارگيٽ تحت ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيئاريا وڃن، ڪمشنر غلام قادر خان ٽالپر جي لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت

شهيد بينظيرآباد ڊويزن ۾ خصوصي پوليو مهم دوران 10 لک 10 هزار 449 ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيئاريا ويندا

مهم لاءِ 3235 موبائل، 213 فڪسڊ ۽ 91 ٽرانزٽ ٽيمون جوڙيون ويون

نوابشاهه (رپورٽر) ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن غلام قادر خان ٽالپر جي صدارت هيٺ ڊويزنل ٽاسڪ فورس پوليو جو اهم اجلاس ڪمشنر آفيس ۾ ٿيو. جنهن ۾ شهيد بينظيرآباد، سانگهڙ ۽ نوشهروفيروز ضلعن ۾ پولي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

عوام کي سستي ۽ معياري صحت جي سارسنڀال فراهم ڪرڻ حڪومت جي ترجيح آهي: سيد مصطفيٰ ڪمال

ڊاڪٽر شاهد نور پاران هڪ قومي طبي ڊوائيس پاليسي تيار ڪئي وڃي

پاڪستان جا ڊوائيس ٺاهيندڙ، ريگيوليٽر ۽ مفت علاج فراهم ڪندڙ اسپتالون قومي طبي ڊوائيس پاليسي جو مطالبو ڪن ٿيون

اسان مقامي طور تي تيار ڪيل شين جي حمايت ڪريون ٿا جيڪي عالمي معيارن تي پورا لهن ٿيون: سيد عارف شاهه

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ساما ن شفا فائونڊيشن (ايس ايس ايف) پاران ڪراچي ايڪسپو سينٽر ۾ 23 هين هيلٿ ايشيا انٽرنيشنل نمائش ۽ ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي. تقريب جو مکيه مهمان قومي صحت خدمتن، ضابطن ۽ ڪوآ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

PAKISTAN
Ministry of National Health Services, Regulations & Coordination
Government of Pakistan
23rd Health Asia
5th Annual Conference On
BOOSTING MEDICAL DEVICE DEVELOPMENT IN PAKISTAN
RMI

ڪراچي: ايڪسپو سينٽر ۾ سامان شفا فائونڊيشن پاران منعقد ڪيل تقريب ۾ شيلڊ ڏني پئي وڃي

حوثين پاران سعودي عرب تي ڊرون حملن تي ڳڻتي جو اظهار

مسلم ملڪ ۽ پراڪسي گروپ پاڻ ۾ جنگ بند ڪري اصل دشمن خلاف ڪارروائي ڪن: شجاع الدين شيخ

جيتوڻيڪ يمن جي حوثين مڪي مڪرمه تي ڊرون حملي جي ڪوشش واري ميڊيا ۾ آيل خبرن جي ترديد ڪندي انهن کي ڪوڙ تي ٻڌل قرار ڏنو آهي

پر اها هڪ حقيقت آهي ته حرمين شريفين تمام مسلمانن لاءِ اها ريڊ لائين آهي جنهن کي پار ڪرڻ جي ڪنهن کي به اجازت نٿي ڏئي سگهجي

حيدرآباد (پ ر) تنظيم اسلامي جي امير شجاع الدين شيخ ميڊيا رپورٽن موجب حوثين پاران مڪي مڪرمه سميت سعودي عرب جي مختلف علائقن تي ڊرون ۽ ميزائل حملن جي ڪوشش تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي سخت مذمت ڪئي آهي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

ايسٽ ميڊيا سينٽر تي مبينا حملو، صحافي زخمي؛ ڪيس داخل نه ٿيڻ خلاف صفوران چورنگي تي ڌرڻو

ميڊيا سينٽر جي سامان کي نقصان پهچائڻ ۽ موبائل فون سميت قيمتي سامان ڪٽي وڃڻ جو ذميوار قرار ڏنو

پوليس واقعي ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، جنهن تي مظاهرين پاران صفوران چورنگي تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) صفورا ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن جي ملازمن عمران شيخ، اظهر آرائين ۽ امان الله ڪوسي پاران وڏن اٿالن سان گڏ ايسٽ ميڊيا سينٽر تي مبينا چڙهائي ڪري ميڊيا سينٽر کي نقصان پهچائڻ ۽ صحافين تي تشدد /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

ڪراچي: ايسٽ ميڊيا سينٽر تي مبينا حملو صحافي زخمي؛ ڪيس داخل نه ٿيڻ خلاف صفوران چورنگي تي ڌرڻو هنيو ويو

نيو پنڊ سکر جي حدن ۾ پوليس جوان هلاڪ ٿيندڙ ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو

سکر(رپورٽر)مسلسل ادارن ۾ نيوز نشر ٿيڻ تي ٽاٽو نيو پنڊ سکر جي حدن ۾ پوليس جوان هلاڪي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي ڄامشورو جي وائيس چانسلر کي غريب ملازمن جي نياڻين تي رحم نه آيو

ڄامشورو(رپورٽر)لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي ڄامشورو جي وائيس چانسلر کي غريب ملازمن جي ني/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

منگهوپير ٽائون چيئرمين جي نگرانيءَ هيٺ شاهراهن جي بهتري لاءِ ترقياتي سرگرميون جاري

نئين ناظم آباد کان منگهوپير ٽائي تائين مک شاهراهه کي موٽرايبل بڻائڻ لاءِ جاري ڪم جو ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي پاڻ جاءِ تي پهچي معائنو ڪيو

ڪم جي اڳڀرائي، رفتار ۽ معيار جو تفصيلي جائزو ورتو. حاجي نواز علي بروهي جاري ترقياتي ڪم جي مختلف مرحلن جو جائزو ورتو

ڪراچي(رپورٽر) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي جي نگرانيءَ هيٺ منگهوپير ٽائون ۾ شهرين کي بهتر بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ اهم شاهراهن جي بهتري لاءِ ترقياتي سرگرميون جاري آهن. /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

ڪراچي: منگهوپير ٽائون چيئرمين جي نگرانيءَ هيٺ شاهراهن جي بهتري لاءِ ترقياتي سرگرميون جاري آهي